ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492 - Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 07 جون 2026ع 21 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملھ 30 رپيا شمارو (291)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi
Sunday 07th June 2026

آمريڪا ۽ ايران جا هڪبئي تي حملا جاري، پاڪستان جو گهرو وزير امن ڳالهين بابت تهران پهچي ويو

آمريڪا گوروڪ ۽ قشم ٻيٽ ۾ ريڊار تنصيبات کي نشانو بڻايو، ايران جوابي ڪارروائي ۾ ڪويت ۽ بحرين ۾ آمريڪي اڏن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي

آمريڪا ڪنهن به وڏيڪ واڌ جي نتيجن جو ذميوار هوندو جنگ بندي جي بار بار ڀڃڪڙي ظاهر ڪري ٿي ته آمريڪا جو تڪرار گهٽائڻ جو ڪو ارادو ناهي: ايراني پرڏيهي وزارت

آبنائي هرمز ۽ خليج ملڪن ڏانهن لانچ ڪيل 7 مان 6 ايراني ميزائلن کي روڪيو ويو آهي ۽ ستون ميزائل پنهنجي هدف تائين نه پهچي سگهيو: آمريڪي اختيارين جي دعويٰ

پاڪستان جو گهرو وزير محسن نقوي ايران تهران پهچي ويو، فيلڊ مارشل عاصم منير جو ايران جي سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه اي کي خاص پيغام پهچائيندو

تهران روانگي کان اڳ، لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف گهرو وزير ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ انهن ايران-آمريڪا ڳالهين

گهرو وزير تهران ۾ هڪ مفاهمتي ياداشت نامي تائين پهچڻ جي طريقن تي ڳالهه ٻولهه ڪندو، ايراني منجمد فنڊز جي حوالي سان پڻ اڳڀرائي ٿي آهي: ذريعا

تهران/واشنگٽن/اسلام آباد(م ڊ) آمريڪا طرفان ايران جي منجمد اثاثن جي حوالي سان اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي عرب ميڊيا ذريعن جي حوالي سان رپورٽ ڪيو آهي ته گهرو وزير محسن نقوي اڄ ايران جو دورو ڪندي گهرو وزير تهران ۾ هڪ تهران (م ڊ) آمريڪا ۽ ايران هڪ ٻئي تي حملو ڪيو آهي آمريڪا گوروڪ ۽ قشم ٻيٽ ۾ ريڊار تنصيبات بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لبناني آرمي چيف سرڪاري دوري تي پاڪستان روانو

لبناني آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي

سفارتي ۽ ثالثي جي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

اهو دورو سندس پاڪستاني هم منصب جي دعوت تي ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) برطانوي نيوز ايجنسي جو چوڻ آهي ته لبناني آرمي چيف سرڪاري دوري تي پاڪستان روانو ٿي ويو آهي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي پاران گورنمينٽ پريس رليشنز ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اعلان

قاضي اسد عابد (نائب صدر سنڌ) ميان حسن احمد (نائب صدر پنجاب) جا ميمبر هوندا

ڪاظم خان (صدر سي پي اين اي) غلام نبي چانڊيو (سيڪريٽري جنرل سي پي اين اي) ميمبر مقرر

چيئرمين اعجاز الحق (اڳوڻو سيڪريٽري جنرل) ۽ ڊپٽي چيئرمين انور ساجدي (نائب صدر بلوچستان) هوندا

شڪيل احمد ترابي (نائب صدر اسلام آباد/راولپنڊي)، عدنان ظفر (نائب صدر خيبر پختونخوا) شامل

ڪراچي (پ ر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) سال 2026-27 لاءِ گورنمينٽ پريس رليشنز بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وفاق صوبن کان 17 سئو ارب طلب ڪري ورتا، پ پ ۽ حڪومت ۾ اڄ ڳالهيون ٿينديون

صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهين واري ٽيم جي ملاقات اڄ رات ٿيندي

حڪومتي ٽيم سان ملاقات جو وقت پيپلز پارٽي جي اندروني ملاقات کان پوءِ طئي ڪيو ويندو

فنڊن جي دستيابي کان پوءِ ئي ايندڙ وفاقي بجيٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي: ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي بجيٽ تي ڳالهيون اڄ بدران سڀاڻي ٿيڻ جو امڪان آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

غزه: شادي جي تقريب تي اسرائيلي فوج جو حملو 7 فلسطيني شهيد، 15 زخمي

اسرائيلي فوج غزه شهر ۾ هڪ پناهگير ڪئمپ کي نشانو بڻايو جتي شادي جي تقريب جاري

تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا

زخمين ۽ شهيدن کي فوري طور تي الشفا اسپتال ۽ ويجهي فيلڊ اسپتال منتقل ڪيو ويو

غزه (م ڊ) اسرائيلي فوج غزه شهر ۾ شادي جي تقريب تي حملو ڪيو جنهن ۾ 2 عورتن سميت گهٽ ۾ گهٽ 7 فلسطيني بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صوبائي گهرو وزير پاران ايس ايس پي خيرپور کان واقعي جي فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي گهرو وزير سنڌ ضياءالحق لنجار سوشل ميڊيا تي وائرل بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي ۾ وفاق جي اختيار هيٺ ايندڙ رستن جي انتهائي حالت خراب آهي: شرجيل ميمڻ

شاهراهِ ڀٽو جي ڪلڻ سان شهرين کي وڏي سهولت ملي ۽ وقت جي بچت به ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت پنهنجي وسيلن سان صوبي ۾ رستن جي حالت بهتر بڻائي آهي ۽ ڪم جاري آهي

پوري پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ صحت جون سهولتون ڪراچي ۾ آهن، مريض مفت علاج ڪرائين ٿا

گلگت بلتستان ۾ چونڊ مهم دوران اليڪشن ڪميشن جي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ريڊ لائن منصوبي تي ڏينهن رات ڪم جاري آهي ۽ يونيورسٽي روڊ جولاءِ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بي آر ٽي منصوبي جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ سخت گرمي ۽ گرمي جي لهر اچڻ جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ سخت گرمي ۽ گرمي جي لهر بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سون هزارين رپيا سستو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ اڄ سون جي اگهه ۾ 12 هزار 489 رپين جي وڏي لاٿ رڪارڊ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران، آمريڪا جنگبندي ۾ پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪن ٿا: چين

ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي جو نتيجو آهي

چين ايران جي پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ قومي سلامتي جي دفاع جي حق جي حمايت ڪري ٿو

خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون تعميري ڪوششون جاري رکندو

اسلام آباد (م ڊ) ايراني نيوز ايجنسي سان هڪ انٽرويو ۾، تهران ۾ چيني سفير ڪانگ پيئوچيو ته چين وچ اوڀر ۾ امن کي فروغ ڏيڻ ۽ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ عارضي جنگ بندي کي آسان بڻائڻ ۾ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير: پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽي جا 72 ڄڻا گرفتار، هٿيار ۽ شڪي دستاويز هٿ

آزاد جموں ڪشمير ۾ پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ جي 72 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ٿيلن جي قبضي مان هٿيار، مواصلاتي ڊوائس ۽ شڪي دستاويز هٿ آيا آهن

امن خراب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جي اجازت نه ڏني ويندي: پوليس ترجمان

مظفر آباد (م ڊ) آزاد جموں ڪشمير ۾ پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ جي 72 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) پوليس جي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽريز پاران صوبائي وزير ناصر شاهه کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

سنڌ حڪومت محمد اسحاق کهڙو کي صوبائي اليڪشن اٿارٽي جو ميمبر مقرر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ تبديلي جي لهر، ڪانگريس پارٽي جو مودي سرڪار خلاف ملڪ گير احتجاج جو ڇتاءُ

نئين دهلي (م ڊ) آن لائن تحريڪ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران ايندڙ مالي سال لاءِ اي ڊي پي ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ جي تياري شروع

ترقياتي بجيٽ گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ 20 کان 40 سيڪڙو تائين گهٽ ٿيڻ جو امڪان

وفاق کان صوبن کي ملندڙ مالي حصي ۾ گهٽتائي سبب ترقياتي خرچن تي ضابطو آڻڻو پوندو: ذريعا

محدود وسيلن باوجود اهم منصوبا مڪمل ڪرڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو: حڪومتي عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ايندڙ مالي سال 2026-27ع لاءِ سالياني ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) ۾ واڌ بدران نمايان بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ غير معمولي گرمي، هيٽ ويو جي وارننگ، الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ ۾ سخت گرمي جي لهر جو خدشو ظاهر ڪندي 7 کان 12 جون دوران هيٽ ويو جي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو: ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جو ڪوٽڙي جو دورو، متاثر خاندانن سان تعزيت، چيڪ تقسيم

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڪوٽڙي شيو مندر درياءلال جو دورو، مندر انتظاميا ۽ معززن پاران آجيان

ٻڏ دوران قتل ٿيل پون ڪمار ۽ ٻين حادثن ۾ فوت ٿيلن جي وارثن سان ملاقات ڪئي

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاران اقليتي برادري لاءِ تحفظ ۽ رليف جاري رکڻ جو اعلان

ڄامشورو (ڊ ر) وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت معاون خصوصي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جو ڪوٽڙي شيو مندر درياءلال جو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2



ڄامشورو: اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي مستحقين ۾ چيڪ ورهائي رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ لڳ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي، ٻه معصوم ٻار فوت، ڪيترائي ٻار مبتلا

ڳوٺ هيبت باجڪاڻي ۾ ٽي سالا الاهي بخش ۽ چار سالا سوهانا لاشاري ارڙي وگهي حياتي وڃائي

ٻارن کي موتمار بيمارين کان بچائڻ لاءِ ايندڙ ويڪسينن جي مناسب سنڀال نه پئي ڪئي وڃي: رهواسي

جيڪڏهن ويڪسينن جي فراهمي، سنڀال ۽ استعمال بابت موثر نگراني ڪئي وڃي ها ته شايد ڪيترن ئي ٻارڙن جون حياتيون بچائي سگهجن ها

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ارڙي خطرناڪ وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي جنهن جي روزاني جي بنياد تي معصوم ٻارڙا بيماري جو شڪار ٿي رهيا آهن ڪنڊڪوٽ ڳوٺ هيبت باجڪاڻي ۾ ارڙي سبب ٻه معصوم ٻارڙا بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جناح اسپتال جي وارڊ ۾ اوچتو باهه، مريضن ۽ طبي عملي ۾ ڀاڄ

زهر خوراني وارڊ اندر هوا ڏيندڙ ڪرڻ واري مشين ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب خوف پکڙجي ويو

اسپتال انتظاميا فوري ڪارروائي ڪندي اڌ ڪلاڪ اندر باهه تي ضابطو آڻي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ واقع جناح اسپتال جي زهر خوراني وارڊ ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب وارڊ ۾ موجود بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ واقعن سبب ناري سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

مبارڪپور ۾ سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي تڪرار، نوجوان پاڪ ڪتاب کڻي معافي ورتي، وڏيرو گرفتار

ڳوٺ نظام الدين مستوئي ۾ بااثر وڏيرو مورڙ مستوئي سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي نوجوان خادم مستوئي تي مچرجي پيو

نوجوان پاڪ ڪتاب کڻي گهرياتين سميت بااثر وڏيري کان معافي ورتي، عورتن پنهنجا پوتيون لاهي وڏيرن جي پيرن ۾

پوليس ڳوٺ نظام الدين مستوئي جي بااثر وڏيري مورڙ مستوئي سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري اٿاڻل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد (ڊ ر) مبارڪپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ نظام الدين مستوئي ۾ بااثر وڏيرو مورڙ مستوئي سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي نوجوان خادم مستوئي تي مچرجي پيو بااثر وڏيري پنهنجي عدالت لڳائي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر پوليس ڪارروائي، ناري تي تيزاب هاريندڙ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

پوليس جوابدار ميانداد مهر کي ٽوبا ڳ روڊ تي مبينا مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

خانپور مهر (ن ع) خانپور مهر تاري شرمان مهر معان مبينه تيزاب هاري زخمي ڪندڙ جوابدار ميانداد مهر کي خانپور مهر پوليس بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آغا خان اسڪول ڪارادر جون 100 سالا تقريبون شروع ٿي ويون

تعليم ۽ خواندگي واري وزير سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

اسماعيلي ڪميونٽي جون تعليم، صحت ۽ سماجي شعبن ۾ خدمتون قابل قدر آهن: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آغا خان اسڪول بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2



ڪوٽڙي ڪبير: حادثي ۾ فوت ٿي ويل جو لاش ۽ زخمي



اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

بحريه ٽائون سان لاڳاپيل معاملي ۾ ماريشس ۾ موجود بئنڪ اڪائونٽس منجمد

ٻه پرڏيهي اڪائونٽس منجمد ڪيا جن ۾ لڳ ڀڳ 45 لک آمريڪي ڊالر موجود هئا

بحريه ٽائون طرفان مبينا طور غيرقانوني حوالو ۽ هنڊي ذريعي رقمون ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مني لانڊرنگ خلاف وڏي اڳڀرائي سامهون آئي آهي بحريه ٽائون سان لاڳاپيل معاملي ۾ ماريشس ۾ موجود بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايراني انقلابي گارڊز آبنائي هرمز ۾ آمريڪي ڪارگو جهاز کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو

آمريڪي فوج جي سرپرستي ۾ چار جهاز آبنائي هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا

آمريڪا طرفان هن دعويٰ تي اڃا تائين ڪو به سرڪاري جواب نه آيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ايراني ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته ايراني انقلابي گارڊ ڪور آبنائي هرمز ۾ هڪ آمريڪي ڪارگو جهاز کي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مرڪز صوبن کان 17 سئو ارب رپين جا فنڊ گهري رهيو آهي: راڻا ثناءالله

اميد آهي ته اسان پيپلز پارٽي سان ڪنهن نتيجي تي پهچنداسين

حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهيون اڄ بدران سڀاڻي ٿيڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله جو چوڻ آهي ته بجيٽ لاءِ هڪ انگ تي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: فيڊريشن آف چيمبرس آف ڪامرس پاران معرڪ حق امن مارچ ڪيو پيو وڃي

گلگت بلتستان جي اليڪشن کي ڪنهن به طرح اليڪشن نه ٿو چئي سگهجي: اسد قيصر

پي ٽي آءِ خلاف سڀئي غير قانوني حربا استعمال ڪيا ويا

تحريڪ انصاف کان نشان کسيو ويو، پابنديون لڳايون ويون

مهانگائي ۽ بيروزگاري حڪومت جي ناڪام پاليسين جي ڪري آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر چيو آهي ته گلگت بلتستان جي چونڊن کي ڪنهن به طرح سان چونڊون نه ٿو چئي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پ پ قيادت جي ويزن موجب سنڌ ۾ ترقياتي عمل وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي: ناصر شاهه

شاهراهِ ڀٽو سميت جاري ميگا منصوبن مان سمورن شهرين ۽ واپاري برادري کي فائدو ٿيندو

صنعتي علائقن لاءِ پاڻي جي فراهمي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: ڪاٽي اڳواڻن کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) ۾ بزنس ڪميونٽي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته چيئرمين بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي اين آءِ سي وي ڊي ۾ هوا ٺڌي ڪرڻ وارو نظام بند، مريض گرمي ۾ بيحال

اسپتال جي اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ گذريل ٽن ڏينهن کان هوا ٺڌي ڪرڻ وارو نظام بند پيو

ڪيٿ ليب مان منتقل ڪيل نازڪ مريض به هن صورتحال کان متاثر ٿيڻ لڳا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دل جي مريضن بابت قومي اداري اين آءِ سي وي ڊي جي اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ گذريل ٽن ڏينهن کان هوا ٺڌي ڪرڻ وارو نظام بند هجڻ سبب مريضن کي سخت گرمي ۽ گهٽ جو منهن بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2



راولپنڊي: روڊ ڪناري تي سامان وڪڻندڙ عورتون وڻ جي ڇانو ۾ آرام ڪري رهيون آهن

راضيديرو پرسان معصوم نينگر واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

فيض نهر واهه ۾ ياسين علي ڪوري پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويو

مقامي ٽوبن ڪافي ڳولا بعد نينگر جو لاش ڳولي وارثن حوالي ڪيو

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان فيض نهر واهه ۾ معصوم نينگر ياسين علي ڪوري جو پير ترڪڻ سبب ڪري جيڪو واهه جي تيز وهڪري ۾ لڙهندو ويو جنهن جي وارث ڳولا ڪندا رهيا ڪافي ڪلاڪن کان پوءِ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر پرسان معصوم نينگر واٽر ڪورس ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ٻير پٽ ۾ 4 ورهين جي ديدار علي ولد اڪبر ملڪ گهر پرسان ٻڏي ويو

وارثن نينگر کي ڪڍي فوري اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽر نينگر جي تصديق ڪئي

خانپورمهر (ن ع) خانپور مهر لڳ ڳوٺ ٻير پٽ ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي 4 سالن جو معصوم ٻار ديدار علي ملڪ ولد بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2



جيڪب آباد: فيس بڪ تي ڪمينٽ ڪندڙ نوجوان جي والده مقدم جي پيرن تي پوتي رکي رهي آهي

ڪوٽڙي محمد ڪبير ويجهو ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي

نيشنل هاءِ وي تي اٽڪ پيٽرول پمپ وٽ پيش آيل حادثي ۾ ماستر شڪيل احمد پڌو ٽڪي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي محمد حسن پڌو ۽ لاش کي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

مهيني اندر سنگل روڊ ٺهڻ کان پوءِ هيئنڊر تائين ڇهه ماڻهون اجل جو شڪار ٿي چڪا، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع) ڪوٽڙي ڪبير پرسان نيشنل هاءِ وي تي اٽڪ پيٽرول پمپ وٽ سکر کان ايندڙ تيز رفتار ڪاري رنگ جي ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل سوارن کي پويان زوردار ٽڪر بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بجيٽ ۾ ملازمن جي پگهارن ۾ 10 کان 15 سيڪڙو واڌ جي تجويز

وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تي مشاورت ڪئي وئي

پي ايس ڊي پي، ٽيڪسن ۽ پگهارن توڙي پينشن ۾ واڌ جي مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو

سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جو فيصلو وزيراعظم شهباز شريف اتحادي سان مشاورت کانپوءِ ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت مالي سال 2026-27 جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 10 کان 15 سيڪڙو واڌ جي تجويز ڏني آهي وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تي مشاورت ڪئي آهي مشاورت جمعي جي ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ ڪئي وئي اهو هڪ غير رسمي اجلاس هو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۾ وڏي مالي بي ضابطگي ۽ مبينا ڪرپشن جو انڪشاف

اداري ۾ اهم عهدن تي مقرر آفيسرن کي انتهائي گريڊن ۽ پرڪشش پگهارون ادا ڪيون ويون

ڪيترن ئي آفيسرن کي ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کان به ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ مراعتون ڏنيون ويون

پيرول سيڪشن جون اهم دستاويز منظرعام تي اچڻ بعد عوامي ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۾ وڏي مالي بي ضابطگي ۽ مبينا ڪرپشن جو اسڪينڊل سامهون اچي ويو آهي جتي اهم عهدن تي مقرر آفيسرن کي انتهائي گريڊن ۽ پرڪشش پگهارون ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي هٿ ڪيل پيرول سيڪشن جي اپريل بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر پاران سويڊن جي قومي ڏهاڙي جي موقعي تي ان جي حڪومت ۽ عوام کي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري سويڊن جي قومي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

لاهور هاءِ ڪورٽ پرنسپل سيٽ لاءِ ترميمي روسٽر جاري

لاهور (اي پي پي) چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس عاليه نيلم جي منظوري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2



سيالڪوٽ: بجلي وارو وفاقي وزير خواجه آصف ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن بعد زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار

پاڪستان بازار پوليس ۽ هٿياربند ۾ مبينا مقابلي دوران 3 زخمين سميت 4 جوابدار سوگها ڪيا ويا

ملير شاهه لطيف ٽائون ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ بعد عبدالمجيد نالي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

اسٽيل ٽائون، نيو ڪراچي، ايف بي ايريا ۽ ٻين علائقن ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ بعد 4 ڌوهاري سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته ڪيترائي ساٿي جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ضلعي ويسٽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ۾ چين جي قونصل جنرل يانگ يونڊونگ سان الوداعي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايندڙ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ "سنڌ جا رنگ" آرٽ نمائش شروع، نوجوان تمام گهڻو باصلاحيت آهن: سعديه جاويد

سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران سمبارا آرٽ گيلري ۾ نمائش لڳائي وئي

اسان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي پنهنجي ايندڙ نسلن تائين پهچائي رهيا آهيون: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران سمبارا آرٽ گيلري ۾ ايم پي اي پارلياماني سيڪريٽري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بي آر ٽي يلو لائن منصوبي ۾ 6 ارب رپين کان وڌيڪ ڪرپشن جا انڪشاف

منصوبي ۾ اربين رپين جي مبينا خرد برد ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙين جو انڪشاف ڪيو ويو

چيف سيڪريٽري سخت نوٽيس وٺندي مڪمل انڪوائري جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي: ذريعا

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ پاران سيڪريٽري ٽرانسپورٽ کي ذميوارن خلاف فوري ۽ سخت قانوني ڪارروائي جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بي آر ٽي يلو لائن منصوبي ۾ 6 ارب رپين کان وڌيڪ جي مبينا مالي بيقاعدگين ۽ ڪرپشن جا سنسني خيز انڪشاف سامهون آيا آهن بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

تعليم وارو وزير استعيفيٰ ڏئي نه ته ملڪ گير احتجاج تحريڪ هلنداسين: اپيجيت ڊيپڪي

نئين دهلي (م ڊ) آن لائن تحريڪ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

عثمان شاهه هڙي ويجهو نوجوان ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

عثمان شاهه هڙي (ت ر) عثمان شاهه هڙي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي تي عمل ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام علي ويجهو ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، اڳوڻو ايم ايس فوت

حادثي جي نتيجي ۾ اڳوڻو ايم ايس ڊاڪٽر لڇمڻ ميگهواڙ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي سرڪاري اسپتال پهچايو، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ دم ڌڻو

ٽنڊو غلام علي (ن ع) ٽنڊو غلام علي شاخ وٽ ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر، اڳوڻو ايم ايس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2



ڊاڪٽر لڇمڻ ميگهواڙ فوت خبر موجب

سنڌ جون سموريون سرڪاري پبلڪ لائبريريون رات 9 وڳي تائين کليل رهنديون

ثقافت کاتي پاران صوبي جي شاگردن، محققن ۽ ڪتاب دوستن لاءِ اهم ۽ تاريخي فيصلو ڪيو ويو

هاڻ پڙهندڙن کي رات دير تائين مطالعي، تحقيق ۽ علمي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول ميسر ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

هالا پراڻا ۾ ڪچي واري علائقي مان نوجوان جو مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ، احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

عمران ولد دادو ماڇي جو ديهه گهوٽاٽا ۾ واقع سنڌس زرعي زمين تان مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

وارثن لاش وصول ڪرڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

مري برادري جي ماڻهن سان دشمني جي ڏيتي ليتي جو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان انهن نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

هالا (ت ر) هالا پراڻا ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي مان 25 ورهين جي نوجوان جو مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ، هالا پراڻا جي رهواسي عمران ولد دادو ماڇي جو ديهه گهوٽاٽا ۾ واقع سنڌس زرعي زمين تان بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



عثمان شاهه هڙي: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

ڪراچي ۾ اٽلي جي 80هين يومِ جمهوريه جي موقعي تي شاندار تقريب منعقد

وڏي وزير گورنر، صوبائي وزيرن ۽ چيف سيڪريٽري سميت اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي، تجارتي ۽ ڪاروباري شعبن ۾ تعاون جا وسيع موقعا موجود آهن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اٽلي جي قونصل جنرل ڦيبريزيو بيلي جي ميزباني هيٺ پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ڪراچي ۾ اٽلي جي 80هين يومِ جمهوريه جي موقعي تي هڪ پروقار ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اعليٰ سرڪاري، سفارتي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين درخواست نمبر 37 سال 2026

خانزادو ولد مرحوم علي حسن ذات سولنگي رهاڪو ڳوٺ حاجي خان محمد احمداڻي ڪوسو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز..اپليڪينٽ .بخلاف .. (1) مسمات شاهه خاتون بيواهه علي حسن ذات سولنگي (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس (1) مسمات جنت خاتون ڌيءُ علي حسن تاريخ پيدائش 12-06-2013..مائنر

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIسڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين درخواست نمبر 18 سال 2026

منصور احمد ولد غلام قادر ڪيريو رهاڪو ڳوٺ مجيد ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ...اپليڪينٽ .بخلاف .. (1) مسمات سوهڻي بيواهه غلام قادر ڪيريو (2) مسمات ناران (3) مسمات خوشبو (4) مسمات صبا (5) احسان علي (6) فيضان علي سڀ پٽ ڌيئرون غلام قادر ڪيريو (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي ڪرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIسڪرنڊ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد حماد ولد محمد شفيق ذات قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد شفيق ولد الله دين تاريخ 05-08-2015 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 290-A بلديي ڪالوني تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ پلاٽ نمبر 261 ڪُل حصي موجب ايراضي 1215 اسڪوائر فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ڪوٽ غلام محمد ديهه 290-A ۾ ڪري اتي ئي شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) حسن شفيق (2) محمد حماد (3) ربابه شفيق (4) شڪيلا شفيق هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرگڙي

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عرضدار نالي مسمات سيما (بيواهه) شاڪر حسين رهاڪو گهر نمبر 120بلاڪ اي يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي شاڪر حسين ولد شوڪت حسين رهاڪو گهر نمبر 120بلاڪ اي يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد جيڪو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لطيف آباد نمبر 11 ۾ جونيئر ڪلارڪ هو جيڪو تاريخ 03-05-2026 تي وفات ڪري ويو آهي ۽ مرڻ وقت هيٺ ڏنل قانوني وارث ڇڏيا آهن (1) مسمات سيما (بيواهه) (2) سامعه (ڌي) (3) عشاءِ تر راضيه (ڌي) (4) اسنها (ڌي) (5) محمد فراز حسين (پٽ) فوتي اسلام مذهب سان تعلق رکندڙ هو اگر ان وارثن کان علاوه ڪو به فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا وارثي سرٽفڪيٽ تي ڪنهن به قسم جو اعتراض آهي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر اسان جي آفيس واقع پرائو بلال پيلس يونٽ نمبر 7 لطيف آباد حيدرآباد وٽ روبرو حاضر ٿي پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو لطيف آباد

بقايا 1 — رواڻو

لبناني آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي رائٽرز نيوز ايجنسي موجب، هي دورو اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن پاڪستان وچ اوڀر ۾ جاري تڪراران خاص طور تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران سان تڪرار جي تناظر ۾ سفارتي ۽ ثالثي جي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جنهن جا اثر لبنان تائين به پهتا آهن لبناني فوج هڪ بيان ۾ چيو آهي ته اهو دورو سندس پاڪستاني هم منصب جي دعوت تي ڪيو پيو وڃي پر ان جي مقصد يا مدت بابت وڌيڪ تفصيل

KARACHI — HOME FOR DEFENDERS — PAKISTAN DEFENCE OFFICERS HOUSING AUTHORITY

ڊيفينس هائوسنگ اٿارٽي - ڪراچي

سيڪيورٽي اسٽاف جي ضرورت

ڊي ايڇ اي ڪراچي ۾ هيٺ ڏنل آسامين لاءِ هٿياربند فوج جي رٽائرڊ ۽ سويلين ماڻهن (جن جو ڪردار "مثالي" ۽ ميڊيڪل ڪيٽيگري AYE هجي) کان درخواستون گهربل آهن.

آسامي ۽ جو نالو	تجربو	عمر	تعليمي قابليت
سيڪيورٽي گارڊ (رٽائرڊ هٿياربند فوج)	(1) اڳوڻا هٿياربند فوج جا فوجي (آرمي، پي اين، پي اي ايف). (2) اڳوڻا سول هٿياربند فوج جا فوجي (ايف سي، رينجرز، پي سي جي، ڊي ايس ايف). (3) اڳوڻا ASF / ANF جا فوجي. (4) اڳوڻا پاڪ پوليس سروس جا اهلڪار. (5) اڳوڻا DHA جا سيڪيورٽي گارڊ (55 سالن جي عمر تائين).	40 سالن تائين	ميٽرڪ يا ان کان مٿي
سيڪيورٽي گارڊ (سويلين ڪيٽيگري)	(1) ڪنهن به تنظيم ۾ سيڪيورٽي گارڊ جي طور تي گهٽ ۾ گهٽ 2 سالن جو تجربو (2) جسماني طور تي فٽ ۽ فعال. (3) گهٽ ۾ گهٽ قد 5 فٽ 6 انچ.	30 سالن تائين	ميٽرڪ يا ان کان مٿي

- درخواست فارم DHA جي ويب سائيٽ www.dhakarachi.org تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. مقرر فارم کان سواءِ ڪا به درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
- مڪمل طور تي ڀريل درخواست فارم، CNIC, CV ۽ لاڳاپيل دستاويز (تعليم ۽ تجربو) جون تصديق ٿيل ڪاپيون، ڊوميسائل/پي آر سي ۽ ٻه عدد پاسپورٽ سائيز تصويرن سان گڏ هيٺ ڏنل پتي تي 16 جون 2026 تائين ڊاڪ جي ذريعي موڪليون وڃن:۔
- مراعات: مفت کاڌو ۽ مفت سنگل رهائش.



ايڊيشنل ڊائريڪٽر HR برانچ
پاڪستان ڊيفينس آفيسرز هائوسنگ اٿارٽي
B/2، ايسٽ اسٽريٽ، فيز-1، DHA ڪراچي، 75500
www.dhakarachi.org
Telephone: 2158 (-589-589-111) ٽيليفون:

اميدوارن کي خبردار ڪيو ٿو وڃي ته هو هيٺ ڏنل پتي کان سواءِ ڪنهن ٻئي ذريعي کان ذاتي معلومات جي درخواستن تي غور نه ڪن:۔ ٽيليفون: 021-99266884

عبرت سنسار
IBRAT SANSAR

68 Golden Jubilee Year

Ibratsansar@yahoo.com

آچر 07 جون 2026ع

سنڌي ايڊيشن

انچارج: هجيب ناريجو

هرمز کان لبنان تائين: شدت اختيار ڪندڙ وچ اوير جو بحران

فريد احمد





[illegible]

10 جُون جي وفاقي بجيٽ: انگن اکرن جي جادوگري چڙٽي پوندي!

فريد احمد



[illegible]

جوعوامي قرض لڳ ڀڳ 81 کرب روپين تائين پهچي چڪو آهي. ملڪ جو مجموعي عوامي قرض لڳ ڀڳ 81 کرب رپين تائين پهچي چڪو آهي. جنهن جو في ماڻهو حساب لڳائجي ته ملڪ ۾ جنم وٺندڙ هر ٻار... ان قرض جي سڀ کان ظالماڻي حقيقت اها آهي ته ان جو وياج ۽ اصل رقم حڪمران عيوض عوام کي ٽئي ڳرڻ ٽيڪس، مهانگي پيٽرول ۽ بجلي جي بلن جي صورت ۾ پنهنجي کيسي مان ادا ڪرڻي پوي ٿي.


1. اشرافيه جي مراعتن کي هڪدم ختم ڪرڻ سڀ کان پهريون ۽ لازمي قدم آهي. بجيٽ ۾ حڪومتي وزيرن، صلاحڪارن ۽ بيوروڪريسي جي مفت بجلي، مفت پيٽرول ۽ وڏن پروٽوڪولن تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي. قرباني ۽ جي ... ان کي 10 جون جي بجيٽ ۾ هينئين تجويزن تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو.

... خواب ڪڏهن به ساڀيان نه ماٽي سگهندو. هاڻي فيصلو حڪومت کي ڪرڻو آهي ته اها آئرين تي ڳڻڻ جيترن خاندانن جي عياشين کي بچائي ٿي يا 25 ڪروڙ عوام کي جيئڻ جو حق ڏئي ٿي.

ٽيڪس آسان آهي: معيشت ڪي دستاويزي بڻائڻ جي ڪوشش يا ماضي جي ناڪامين جو تسلسل؟

نڪسڊ ٽيڪس اسڪيم: معيشت دستاويزي بڻائڻ جي ڪوشش يا ناڪامين جو تسلسل؟

ف ـ ا



[illegible]

... جو نالو اين ٽي اين نمبر ۽ ڪيو آر (QR) ڪوڊ خاص سجاٽيڪ پليٽ ڏني هوندي ته جيئن فيلڊ ... ان جو حتمي فيصلو اينڊڙ مهينن ۽ ان جي زميني نتيجن سان ئي ٿيندو.

ڏڙي لڳ وحشي مڙس هٿان نوجوان زال ڪهاڙين هڻي قتل، جوابدار ٿاڻي تي پيش، ڪيس داخل نه ٿيو

ڳوٺ اميد چانڊيو ۾ مڙس الطاف چانڊيو ڪهاڙين جا وار ڪري نوجوان زال 26 سالن جي زهره کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو

ٻنون پوليس لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

جوابدار الطاف چانڊيو قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي وڃي ڪجهه دير بعد جوابدار ٻنون ٿاڻي تي پهچي گرفتاري پيش ڪري ڇڏي

واقعو گهرو تڪرار تي سگهي ٿو يا ڪارڻهن الزام هيٺ پيش آيو هجي، ان بابت گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ويجهو اٻوال جي ڳوٺ اميد علي چانڊيو ۾ افسوس ناڪ واقعو پيش آيو وحشي مڙس الطاف چانڊيو ڪهاڙين جا وار ڪري پنهنجي نوجوان زال 26 سالن جي زهره چانڊيو کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو. جوابدار الطاف چانڊيو پنهنجي 26 سالن جي زال زهره چانڊيو کي ڪهاڙين هڻي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو ڪجهه دير بعد جوابدار ٻنون ٿاڻي تي پهچي گرفتاري پيش ڪري ڇڏي ٻنون پوليس لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. تڪرار تي سگهي ٿو يا ڪارڻهن الزام هيٺ پيش آيو هجي، ان بابت گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن علائقي ۾ عام چوٻول آهن ته جوابدار الطاف چانڊيو هميشه پنهنجي گهرواري تي شڪ ڪندو هو، پوليس ذريعن موجب قتل جو واقعو گهرو ڪارڻهن هيٺ ڪهاڙين هڻي قتل ڪيو آهي، آخري اطلاع تائين قتل واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.



ڏڙو: وحشي مڙس هٿان بيدردي سان قتل ڪيل عورت جو لاش

گمبٽ لڳ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت، مرد زخمي

گمبٽ (ن ع) گمبٽ لڳ جهنڊا شاخ اسٽاپ وٽ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت هڪ مرد زخمي ٿي پيو. گمبٽ لڳ پرائي نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪوٽڏيجي ڪاڻ رانيپور ويندڙ جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان تيز رفتار رڪشاجو بريڪ فيل ٿيڻ سبب رڪشا ڪلٽي ٿي ڪاهي ۾ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت اميداڻ مهراڻي موقعي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته هڪ مرد عامر مهراڻي زخمي ٿي پيو فوتي عورت ۽ زخمي مرد کي حد جي پوليس گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي عورت جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.



حيدرآباد: آل گلاس بينگل مزدورن پاران چوڙي فيڪٽرين جي تالا بندي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

چوڙي فيڪٽري مزدورن پاران حق نه ملڻ ۽ فيڪٽرين جي بندش خلاف احتجاج

حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي وئي

تالابندي ڪري هزارين مزدورن کي فاقاڪشي ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي: عمران سعيد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل گلاس بينگل چوڙي فيڪٽري مزدورن بنيادي حق نه ملڻ ۽ فيڪٽرين جي غيرقانوني بندش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عمران سعيد، نوشاد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي. ان موقعي هنن چيو ته چوڙي ناهڻ جي صنعت سان هزارين مزدور ڪيترن ڏهاڪن کان گنڍيل آهن ۽ محنت مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهيا آهن. هنن چيو ته چوڙي فيڪٽري مالڪ ۽ ليبرڪاٽو حيدرآباد ملي ڀڳت ڪري سرڪار پاران مزدورن لاءِ ملندڙ سهولتون هڙپ ڪري وڃن ٿا ۽ مزدورن کي رجسٽر نٿا ڪرائين. هنن چيو ته حيدرآباد ۾ چوڙي ناهڻ جي ڪم ۾ مصروف مزدور ريٽائرمينٽ جي پينشن، اي او بي آئي، سوشل سڪيورٽي، رهائشي پلاٽ، فليٽس، نيائين جي ڏيڄ ست ٻين سهولتن کان محروم آهن. هنن چيو جيڪڏهن ڪا به چوڙي فيڪٽري بند هجڻ تي فيڪٽري مالڪ چوڙي مزدورن کي قانون موجب اڳ پگهار ڏيڻ جو پابند هوندو آهي. جڏهن ته ان قانون تي عملدرآمد جي ذميواري ليبرڪاتي جي آهي پر ليبر ڪاتو چوڙي فيڪٽري مالڪن ساز ٻڌ ڪيل آهي. هنن چيو چوڙي فيڪٽري مالڪن بلاجواز ڪارخانن جي تالابندي ڪري هزارين مزدورن کي فاقاڪشي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته چوڙي مزدورن کي بنيادي حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

حيدرآباد ۾ پاور هائوسز جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن ۾ واڌ لاءِ احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي مختلف پاور هائوسز جي رٽائرڊ ملازمن پينشن ۾ واڌ سميت مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون تاج محمد بجاراڻي، رحمت الله چاچڙ، فاروق ٿورٽري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سنڌ جي گڏو، ڄامشورو، ڪوٽڙي ۽ ٻين پاور هائوسز مان رٽائرڊ ٿيڻ وارا 5 هزار رٽائرڊ ملازم مهانگائي سبب پريشان آهن. گذريل ڪجهه سالن کان مهانگائي آسمان تي پهچي آهي پر پينشن ۾ گهربل واڌ نه ڪئي وئي.


آمريڪا ۾ جسقم جو سعيد ميمڻ جي بازيابي، عورتن جي قتل ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف احتجاج

احتجاجي مظاهري ۾ صحافين، اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن جي شرڪت

جسقم اڳواڻ حبيب پنهور پاران سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن تي سخت تنقيد

شاعر حسن مجتبيٰ جو ڪاروڪاري جي واقعن ۽ عورتن جي قتل عام خلاف مؤثر پاليسي جو مطالبو

ورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي/سبين ميمڻ) ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي بازيابي، سنڌ ۾ غيرت جي نالي تي عورتن جي وڌندڙ قتل عام ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ آمريڪا چيپٽر طرفان احتجاجي مظاهرو جسقم اڳواڻ حبيب پنهور جي اڳواڻي ۾ ... پيپلزپارٽي جي مڙهي سنڌ کي غلام بڻايو ويو آهي عوامي مزاحمت وقت جي ضرورت آهي تفصيل موجب جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) آمريڪا چيپٽر طرفان ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي اغوا سنڌ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ عورتن جي قتل عام ۽ وڌندڙ انتهاپسندي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ صحافين، اديبن، ترقي پسند سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جسقم اڳواڻ حبيب پنهور چيو ته هڪ سازش تحت پيپلزپارٽي کي سنڌ تي مڙهي تاريخي ڌرتي کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو آهي. هي ڌرتي جو انگ انگ وڪڻي رهيا آهن مسلسل ظلم ۽ زيادتين سبب سنڌ بدترين غلامي مان گذري رهي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ هڪ طرف سنڌي ڪالم نگارن، اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن کي اغوا ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف مذهبي انتهاپسندي کي سازش تحت هوا ڏني پئي وڃي. جڏهن ته عورتن کي ڪارو ڪاري جهڙي ڪَڌي رسم تحت قتل ڪري سنڌ کي مقتل گاهه بڻايو ويو آهي. جسقم اڳواڻ حبيب پنهور چيو ته بلوچستان مان سنڌي ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي اغوا کي مهينو مڪمل ٿيڻ تي آهي پر هن وقت تائين ورتا ويا. هن مطالبو ڪيو ته سعيد ميمڻ جي آزاديءَ لاءِ سنڌ حڪومت عملي قدم کڻي. بلوچستان جي قوم پرست ڌرين کي پڻ ان حوالي سان ڪي قدم کڻڻ گهرجن جسقم اڳواڻ چيو ته سنڌ ۾ سوچيل سمجهيل سازش تحت مذهبي انتهاپسندي کي هوا ڏني پئي وڃي. سنڌ صدين کان رواداري ۽ مذهبي ست ٻيڻ کان معاشهن رهي آهي. سنڌ جي شعور کي ان سازش کي وائکو ڪرڻ گهرجي نامياري شاعر حسن مجتبيٰ چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جهڙي ڪَڌي رسم تحت عورتن جي قتل ڪيو پيو وڃي. پر سنڌ حڪومت ان خلاف ڪا واضح پاليسي لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. حسن مجتبيٰ وڌيڪ چيو ته سنڌي ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي آزادي لاءِ پڻ سنڌ حڪومت کي قدم کڻڻ گهرجي. سندس بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي احتجاج ۾ سينيئر صحافي فاروق سومرو، ضيا قريشي، ايم بي پي فيض بليدي، مير ڪيريو گوهر گهانگهرو، شعيب پنهور ۽ سبين ميمڻ سميت ٻيا پڻ شريڪ ٿيا ۽ خيالن جو اظهار ڪيو.



ورجينيا آمريڪا ۾ جسقم پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي، عورتن جي قتل ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

فريدآباد لڳ ڳوٺ گهاڙي جاگير ۾ مال چاريندڙ پورهيت گرمي جي سٽ نه سهندي فوت

فريدآباد (ن ع) فريدآباد لڳ ڳوٺ گهاڙي جاگير ۾ مال چاريندڙ پورهيت گرمي جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو ڳوٺ گهاڙي جو رهواسي مال چاريندڙ 15ورهين جو نينگر عرس کوسو مبينا طور جهنگ ۾ مال چاريندي بيهوش ٿي ڪري پيو اطلاع تي وارث پهچي نينگر کي ڪلنڪ مقامي اسپتال پهتا ڊاڪٽر پاران نينگر فوت ٿي وڃڻ جي تصديق، نينگر جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملڻ تي سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو نينگر سال چاريندي گرمي جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو

مرڪزي امام بارگاهه شريڪته الحسين اوڏيرولال اسٽيشن ۾ محرم الحرام بابت گڏجاڻي

اوڏيرولال (ن ع) مرڪزي امام بارگاهه شريڪته الحسين اوڏيرولال اسٽيشن ۾ ساليانو عشرو محرم الحرام جي حوالي سان شيعا علماء ڪرام جي گڏجاڻي مولانا اختر علي قمي صديق سومرو جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻي جنهن ۾ انهن جو چوڻ هو محرم الحرام جو مهينو اسلام جي تاريخ ۾ سڀن کان وڏو درد ڀريو مهينو آهي جيڪو امام حسين ع سندن وفادار ساٿين جي لازوال قربانين جي ياد سان پڙيل آهي محرم الحرام جا ڏيهاڙا هر امن مسلڪي اهم آهنگي ملڪي مذهبي عقيدت سان ملهائڻ لاءِ هي گڏجاڻي ٿي آهي انشا الله محرم الحرام جا ڏيهاڙا ملڪي ادارن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت جي تعاون سان پيغامي امن ۽ ملڪي مفادن تحت ملهائڻ جو عهد ڪيو ويو ان موقعي تي انهن وڌيڪ چيو ته چاهي محرم الحرام جا ڏيهاڙا هجن ۽ امر امان قائم رکڻ جو سوال هجي، يا ملڪي سرحدن تي دشمن کي منهن ڏيڻ هجي ته پاڪ فوج جا جوان هر وقت تيار هوندا آهن ۽ پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندا آهن محرم ۾ آهي عزادارن جي سيڪيورٽي لاءِ رستن تي بيٺا هوندا ۽ ملڪي مفاد جي ڳالهه اچي ته سرحد تي سيسو ڦاڙي ڪري بيهندا اهو ئي ته حقي حب الوطني آهي جو ثبوت آهي جنهن ملڪ لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي دشمن کي شڪست ڏني آهي آخر ۾ پاڪ فوج ملڪي سلامتي ۽ شهدا لاءِ دعا گهري وئي

سيهڻ ۾ راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

صحافي فدا جوڻيجو، نثار علي سرگاڻي ۽ ٻين اسٽيشن سيهڻ روڊ تائين ريلي ڪڍي، نعريبازي

صحافي صفدر راجپوت جي بيدردي سان قتل ڪيو ويو پر جوابدار اڃا تائين گرفتار ناهن ٿيا: مظاهرين

سيهڻ (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيهڻ ۾ راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو رپورٽ موجب فيض محمد اڳڙو اسٽاپ تي 15 ڏينهن اڳ صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت کي نامعلوم هٿيارٻندن گوليون هڻي قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سيهڻ جي صحافين فدا جوڻيجو نثار علي سرگاڻي علي جان چانڊيو وقار هيسباڻي وسيم علي سرگاڻي جي اڳواڻي ۾ روشن بازار کان اسٽيشن سيهڻ روڊ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي ۽ مختلف تنظيمن شرڪت ڪئي صحافي صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري ۽ پوليس جي نااهلي خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مٿين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 15 ڏينهن اڳ راڻڻ جي سينيئر صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس داخل ٿئي 15 ڏينهن گذري ويا آهن پر ٿئون ڳوٺ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري صفدر جي قاتلن کي هن مهلت تائين گرفتار ڪري نه سگهي آهي هنن اها جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊاڪٽر صفدر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي جيئن صحافي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت قلم ڌڻين پاران احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي



سيهڻ: راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ميهڙ ۾ پبلڪ لائبريري شاگردن لاءِ بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شاگردن ۽ سول سوسائٽي جو 35 ڏينهن ۾ احتجاجي مظاهرو جاري رکيو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ اڳوڻو ايم پي اي مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان منسوب ڪيل پبلڪ لائبريري جو 7 مهينا اڳ افتتاح ڪرڻ بعد لائبريري شاگردن لاءِ بند هجڻ خلاف شاگردن سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران وڪيل پنهل ڪوسو، سليم پيرزادي زرياب سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 35 ڏينهن ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو جاري رکيو مظاهرين چيو ته 7 مهينا اڳ ميهڙ جي پبلڪ لائبريري جو نالو تبديل ڪري ڪي اين شاهه جو اڳوڻو ايم پي اي مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان جوڙي ان لائبريري جو ڪي اين شاهه جي ايم پي زبير جوڻيجو ۽ ٻين افتتاح ڪيو ۽ افتتاح جي ٻن ڏينهن بعد ان لائبريري کي شاگردن لاءِ بند ڪيو ويو آهي هنن چيو ته سوشل ويلفيئر ۽ ميهڙ جي انتظاميه لائبريري ۾ اسٽاف جي ڪوٽ، سياسي مداخلت هجڻ سميت نالي جي اعتراض جو جواز ڄاڻائي پبلڪ لائبريري کي بند رکيو ويو آهي جيڪو نه صرف ميهڙ شهر ۾ تعليمي جي لکئين شاگردن سان ظلم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسين شاگرد ۽ شاگردياڻيون پبلڪ لائبريري جي بندش خلاف 35 ڏينهن کان سراپا احتجاج ٻڌيل آهن پر ڊي سي جي چونڊيل نمائندن، سوشل ويلفيئر، ضلع ۽ تعلقي انتظاميه اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن هنن کي اسان جي شاگردن جو احتجاج نظر نه ٿو اچي، اسين مطالبو ڪيون ٿا ته جلد کان جلد لائبريري کي کولي شاگردن جي بيچيني دور ڪئي وڃي جيسيتائين لائبريري نه کلندي اسان جو احتجاج جاري رهندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 07 جُون 2026ع

فڪس ٽيڪس اسڪيم: اهم قدم يا نئون تجربو!

حڪومت پاران ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪس ٽيڪس اسڪيم متعارف ڪرائڻ جو اعلان ملڪ جي معاشي ۽ ٽيڪس ڍانچي ۾ هڪ اهم تبديلي طور ڏٺو پيو وڃي. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي سالن کان ٽيڪس وصولين جو دائرو محدود رهيو آهي ۽ بار بار ساڳين طبقن تي ٽيڪس جو وزن وڌندو رهيو آهي، اتي لکين ننڍن واپارين کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش يقيناً وڏي اهميت رکي ٿي. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهو قدم حقيقت ۾ معيشت کي دستاويزي بڻائيندو يا وري اڳين تجربن وانگر محدود نتيجا ڏيندو؟ پاڪستان جي معاشي مسئلن ۾ هڪ وڏو مسئلو ٽيڪس جو غير متوازن نظام رهيو آهي. ملڪ جي آبادي ڪروڙن ۾ آهي، ڪاروبار جا هزارين مرڪز آهن پر ٽيڪس ڏيندڙن جو تعداد محدود آهي. نتيجي طور حڪومت بار بار پگهاردار طبقي، صنعتن ۽ اڳ ۾ رجسٽرڊ ڪاروبارن تي وڌيڪ بار وجهندي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن 30 کان 40 لک ننڍن دڪاندارن کي نظام جو حصو بڻايو وڃي ٿو ته اهو نه صرف سرڪاري آمدني ۾ اضافو آڻي سگهي ٿو پر معيشت کي وڌيڪ شفاف به بڻائي سگهي ٿو.

هن اسڪيم جو هڪ اهم پاسو ان جي سادگي آهي. حڪومت جو چوڻ آهي ته جن دڪاندارن جو ساليانو ٽرن اوور 20 ڪروڙ رپين تائين هوندو، اهي هن نظام ۾ اچي سگهندا. واپارين کي اختيار به ڏنو ويو آهي ته هو پراڻي ٽيڪس نظام ۾ رهڻ چاهين ته رهي سگهن ٿا. اهو لچڪدار رويو ڪاروباري برادريءَ لاءِ حوصلا افزائي جو سبب بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ پيچيده قانون ۽ ڏکيا ٽيڪس طريقا هميشه واپارين لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجندا آهن. حڪومت پاران دڪاندارن کي سڃاڻپ واري پليٽ، ڪيو آر ڪوڊ سسٽم ۽ عام آڊٽ کان ڇوٽ جهڙيون سهولتون ڏيڻ جو اعلان به قابل غور آهي. پاڪستان ۾ واپارين جي وڏي شڪايت رهي آهي ته ٽيڪس اختيارين جي بيجا مداخلت ۽ غير ضروري آڊٽ ڪاروبار تي منفي اثر وجهن ٿا. جيڪڏهن ڪيو آر ڪوڊ ذريعي انسپيڪٽرن جي داخلا ۽ چيڪنگ جو نظام شفاف بڻجي ٿو ته اهو ڪرپشن، هراساني ۽ اختيارن جي غلط استعمال کي گهٽائي سگهي ٿو پر ان سان گڏ ڪجهه سنجيده سوال به موجود آهن. ڇا 20 ڪروڙ رپين تائين ٽرن اوور رکندڙ ڪاروبار واقعي ننڍا دڪاندار آهن؟ ڇا فڪس ٽيڪس نظام مختلف نوعيت جي ڪاروبارن لاءِ منصفاڻو ثابت ٿيندو؟ مثال طور هڪ ئي ٽرن اوور رکندڙ به مختلف ڪاروبار منافعو مختلف ڪمائي سگهن ٿا، پوءِ ڇا ٻنهي لاءِ هڪجهڙو ٽيڪس مناسب هوندو؟ اهڙا سوال عملدرآمد دوران ضرور سامهون ايندا.

ناڻي وزير محمد اورنگزيب چوڻ آهي ته 'ٽيڪس شرح وڌائڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وڌايو ويندو، معاشي لحاظ کان درست سوچ سمجهي وڃي ٿي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪامياب ٽيڪس نظام جو بنياد وڌيڪ ماڻهن کي نظام ۾ آڻڻ تي رهيو آهي، نه ڪي صرف موجوده ٽيڪس ڏيندڙن تي وڌيڪ بار وجهڻ تي: پاڪستان کي به اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.' ساڳئي وقت حڪومت کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته ٽيڪس وصولي رڳو قانونن سان نه پر عوامي اعتماد سان وڌي ٿي. جيڪڏهن ماڻهو ڏسن ته سندن ڏنل ٽيڪس عوامي سهولتن، تعليم، صحت ۽ انفراسٽرڪچر تي خرچ ٿي رهيو آهي ته رضاڪارانه طور تي به ٽيڪس ادائيگي ۾ اضافو اچي سگهي ٿو. فڪس ٽيڪس اسڪيم معيشت لاءِ نئين آزمائش آهي. جيڪڏهن ان کي شفاف، سادو ۽ منصفاڻو بڻايو ويو ته اها معيشت جي دستاويزي ٿيڻ ۽ آمدني وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن پراڻين روايتن موجب پيچيدگيون، بيجا مداخلت ۽ غير يقيني صورتحال برقرار رهي ته اهو فيصلو به ٻين معاشي پاليسين وانگر محدود اثرن تائين رهجي سگهي ٿو.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَا جَا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنيءَ پُڻِ جُهڻِ ٻَاڻَ ۾،
آڏِيءَ اُٿَهِيَنءَ آبَ ڪي، اَڪِيُون اُڪِرِينِ،
تَوڙِي تِڪُون ڏِينِ، تَہ اَجَ اُنِ ڪي نَہ لَهَي.

ڪا جا= ڪا اهڙي /ڪُنَ ڪَرِينِ= درياهي پاڻي جا ڇڪردار گرداب پاڻ ۾ ڪن ٿا./ پِنيءَ= پوئين پهر جنهن مهل رات ٺري ٿي /پُڻِ جهڻ= جهٽو ڳالهائڻ، سر ٻن سُس، ڦُس /اُٿهيءَ آبَ= ان پاڻي کي /اُڪرِينِ= سڪن، تانگهين /توڙي= جيتوڻيڪ / تِڪُون=وڏا ڊڪ، وڏيون ڳيتون /ڏِين=ڀرين /اُنِ ڪي=انهن اکين جي (سر-سهڻي، مرتب ڀانهون خان شيخ)

سهڻي درياهه جي ڇڪردار ڪُنِ تي ڇٽر ڪندي، ڪين ٿوڪيندي چئين پئي ته "اوهين رات جي پوئين پهر ۾ پاڻ منجهه مون کي ٻوڙي مارڻ جي جيڪا سازشي سر ڀر پيا ڪيو اها ته اڄائي آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجون اکيون ان پاڻي لاءِ جتي اوهان سازش سٽيو پيا آڏيءَ رات جو گهڙڻ لاءِ اتاوليون آهن، ان لاءِ سڪن ٿيون، تانگهين پيون، سندن اها اکين محبوب ميهار سان ملڻ لاءِ، ان سان رهاڻيون ڪرڻ لاءِ آهي، تنهن ڪري بار بار، گهڙيءَ گهڙيءَ اڇن ٿيون ته به سندن اها پيار جي، محبت جي جيڪا اڃ آهي، تانگهه آهي، جيڪا ڇڪ آهي اها پوري ٿي نه ٿي ٿئين"!!

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

امن سان گڏ انصاف به ٿيڻ گهرجي!



منظور ڪوسو

سنڌ ۾ امن امان جون حالتون ڪافي سالن کان بگڙيل آهن. روڊ رستا، وستيون واهڻ ڳوٺ توڙي شهر ڪٿي به ماڻهن جي جان ۽ مال محفوظ ڪين آهي سنڌ جتي ٻين مسئلن جي اوڙاهه ۾ سڙي پئي اتي اهو مسئلو به سڀ کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ خوف ۽ پريشاني جو سبب بڻيل آهي ڪا ڪل ناهي ته ڪٿي ڪو واٽ ويندي مسڪين ماڻهو ڪنيو وڃي، ڦريو وڃي يا ماريو وڃي جيڪڏهن اهڙن واقعن جي انصاف ڀري جاچ ٿئي ها ۽ ڌوهاري گرفتار ڪيا وڃن ها ته ڌوهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه مڙئي ناپر اچي وڃي ها پر ڪڏهن به ڪا حقيقي ايف آئي آر درج نه ٿي ۽ نه ئي ڪڏهن ڌوهاري گرفتار ٿيا يا متاثرين کي انصاف مليو.

ها! جيڪڏهن ڪنهن ڦرلٽ جي معاملي ۾ ڪو سياسي يا عوامي دٻاءُ وڌي ويو ته سامان ته واپس ملندو پر ڌوهاري قانون حوالي نه ٿيندا سياسي مصلحتن ۽ چشم پوشي به امن امان جي حالتن کي گهڻو خراب ڪيو آهي، جنهن جي سزا عام ماڻهو ڀوڳي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو اغوا ٿئي ٿو ته به غريب جو ٻچو، ڦرلٽ جو شڪار به مسڪين ماڻهو ٿئي ٿو حڪومت پلي سرينڊر پاليسي تحت ڌوهارين سان رعايتون ڪري پر ان ماءُ جي درد جو ازالو نه ٿي ڪري سگهي جنهن جو اولاد پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ واٽ ويندي اغوا ڪيو ويو هجي يا قتل ڪيو ويو هجي ماڻهن پنهنجا گهر گهاٽ وڪڻي تباهه حال ۽ بي گهر ٿي ڌاڙيلن جي جنبي مان پنهنجا ٻچڙا آزاد ڪرايا. وڌيون بيواهه ٿيون، ٻچا يتيم ٿيا، ماڻرون روئي روئي اکين جو نور وڃائي ويٺيون ايڏي وڏي درد جي پلصراط جو شايد ڪنهن کي ڪو احساس هجي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ جون 2024ع ۾ صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي اجلاس، اعلي عدالتن جا فيصلا ۽ حڪم ناما، پوليس آفيسرن جي مٺ سٺ، حڪومتي ترجمانن جا ايم اين اي ۽ ايم پي اي جون پريس ڪانفرنسون، دانهون، فريادون ته ڪچي ۾ بي رحم فوجي آپريشن ڪري رياست جي رٽ قائم ڪئي وڃي ۽ غير قانوني ڀاري هٿيار جيڪي سنڌ پوليس جي بلٽ پروف بڪتربند گاڏين کي به تباهه پيا ڪري ڇڏين سي هٿيار هٽ ڪيا وڃن صوبي جا لنگهه گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن جيئن غير قانوني هٿيار ڌوهارين تائين نه پهچن پر سڀ ڳالهيون بي سود ثابت ٿيون پوليس سرڪار کان شڪايت ڪئي ته ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن جنهن ڪري اسان انهن جو مقابلو ڪري نه ٿا سگهون 2024ع جي سلياني بجيٽ ۾ امن امان لاءِ 160 ارب کان وڌيڪ رقم رکي وئي ۽ ملٽري گريڊ جا جديد هٿيار خريد ڪرڻ لاءِ 2 ارب 79 ڪروڙ 60 لک روپيا رکيا ويا ۽ گاڏين جي خريداري لاءِ 3 ارب 56 ڪروڙ 90 لک روپيا رکيا ويا ۽ اهو سلسلو ٻين بجيٽن ۾ به جاري رهيو پر پوءِ به ڏنوسين ته ڏينهون ڏينهن امن امان جي حلت خراب ٿيندي پئي وئي اغوا، ڦرون، قتل، قبائلي جهيڙا هر قسم جي بدامني سنڌ کي گهيري ورتو آپريشن ڌوهارين جي گهرڻ کي باهيون ڏيڻ بدرون حملا وغيره پر ماڻهو ۽ روڊ رستا محفوظ نه ٿيا. آخرڪار رياست امن امان قائم ڪرڻ لاءِ تر جي بااثر ڀوتارن جي تعاون سان طاقت جي استعمال کان پاسو ڪندي هڪ امن ڀريو رستو اختيار ڪيو اها پاليسي متعارف ڪرائي وئي ته "اچو هٿيار ڦٽا ڪيو،

رضاڪارانه طور پيش ٿيو ۽ باقي زندگي وڃي پنهنجن ٻچڙن سان گڏ سڪون ۽ آرام سان گذاريو" پلي توهان خلقت جو سڪون مرڻ گهڙيءَ تائين ڦٽائي ڇڏيو هجي، ڪائي ڳالهه ناهي!

آڪٽوبر 2025ع ۾ شڪارپور پوليس لائين ۾ وزير داخلا ۽ اعليٰ پوليس آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ هڪ شاهي تقريب منعقد ڪئي وئي ڌوهاري جن تي لکين روپيا انعام رکيل هو نرڙ تي ٽوپيون رکي، شهپر وٽيندا ريڊڪارپيٽ تي واڪ ڪندا آيا. ڪنهن وي آئي پي مهمانن جيان انهن کي پروٽوڪول ۾ آندو ويو، آئين پئي لڳو ڄڻڪ پاڻ کي رضاڪارانه قانون اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ نه پر ڪو ايوارڊ وٺڻ آيا هجن ان ڪانپوءِ آئين سمجهيو پئي ويو ته شايد هاڻي ته ۾ امن ٿي ويندو، ڪي قدر ڌوهن ۾ ناپر ضرور آئي پر وري ڪڏهن ڀهراڙين ۾ ته ڪڏهن شهرن ۾ ڌوهن جا سلسلا جاري رهيا. هاڻي 2025ع وارو فارمولو وري 2026ع ۾ آزمايو پيو وڃي. شڪارپور ايس ايس پي آفيس ۾ 5 جون تي سرينڊر پاليسي تحت ميلو مچايو ويو، جنهن ۾ 60 ڌوهاري جن جي سرن تي لکين ڪروڙين روپيا انعام رکيل هو، ڦرلٽ ۽ قتل سميت سنگين ڌوهن ۾ گهربل هئا سي پاڻ کي ناهي ڏوڪي هاري سينگاري آئنده شريفاڻ زندگي گذارڻ جو عزم ظاهر ڪيو پر ڪن دوستن چيو ته اِهي ٽڪ پٽڻ لاءِ اچي پوليس آڏو پيش پيا آهن ڪمزور ايف آئي آرون ۽ شاهديون نه هئڻ برابر، سو هي ڪجهه ڏينهن جيل ۾ رهندا، کائڻ پيئڻ سگريٽ، چانهه ۽ پاڻي جي مڪمل سهولت سان ۽ پوءِ شهرن ۾ آزاد گهمندا وتندا ڪچي ۾، دريائن جي ٻيٽن، ٻيلن ۽ جهنگن ۾ اهڙا مچر ڏا ٿين جو جهنگ جون ٻلائون به رڙيون ڪري ڀڪي ڏاڍهن نڪري اينديون آهن اتي ڌوهارين جو رهڻ ان ماحول جي بنسبت جيل ته انهن لاءِ ٽڪ پچڻ ۽ آرام ڪرڻ جي هڪ مناسب جاءِ آهي ڪو بي قصور غريب معمولي چوري جي ڪيس ۾ به جيل پهتو ته جيل جو عملو اها ڪندس جڻڪ وزيرستان مان ڪو دهشتگرد ڪين هٿ اچي ويو هجي پر هنن جا جيلن ۾ به ٺٺ آهن هڪ دوست تبصرو ڪندي چيو ته 'ماڻهو ماريو، ڦر ڪيو، ڏاڙا هڻو، معصوم ٻار اغوا ڪيو ۽ سنڌ سرڪار جي سرينڊر پاليسي تحت شهر ۾ پٽڪا ٻڌي چڱا مڙس ٿي گهمو' بهرحال ماڻهن کي امن گهرجي پوءِ جيڪڏهن اربين روپين جي بجيٽ سان نه سهي ته افهام تفهيم سان ئي سهي پر امن گهرجي ۽ ان سان گڏ متاثرين سان پڻ انصاف ٿيڻ گهرجي هي ڪوڪڙ بڪري چوريءَ جي ڪيس ۾ پنهنجي سر تي لکين ڪروڙين روپيا انعام رکي سرينڊر ڪرڻ ڪونه آيا آهن پر هي سنگين ڌوهن ۾ گهربل آهن هڪ طرف امن ته ٻئي پاسي ماڻهن سان انصاف به ٿيڻ گهرجي ۽ خطرناڪ هٿيار جن سان هنن نه فقط عام ماڻهو ماريا ۽ ڦريا پر ڪيترائي پوليس جا جوان ۽ آفيسر به شهيد ٿيا، اهي هٿيار به ڌوهارين کان واپس ورتا وڃن تڏهن ئي چئي سگهبو ته ڌاڙيلن سرينڊر ڪيو آهي نه ته هن لڳندڙ سرينڊر ميلي مان عوام ڪا بي معنيٰ ۽ مطلب به ڪڍي سگهي ٿو.

ورسيءَ جي مناسبت سان

سنڌي قوم جو عظيم رهنما رسول بخش پليجو!



شمن اوٺو مهراڻوي

سنڌ جي مٽي خوشنصيب آهي جنهن رسول بخش پليجي صاحب جهڙي عظيم شخصيت پيدا ڪئي هن پنهنجي پوري زندگي پورهيت انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري پليجي صاحب جي جدوجهد جي پاسن کي ڏسبو ته هڪ ئي وقت زبردست مقرر، ليکڪ، سياستدان ۽ وڪيل هجڻ سان گڏوگڏ ڪالاباغ ڊيم جو سخت مخالف هو، جنهن چاهيو ٿي ته ڪاڻ قوم تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن پنهنجي ديس جي حقن ۽ ننگن لاءِ ميدان عمل ۾ سرگرم هجي ۽ پوءِ اها قوم سرخرو ٿي سگهي ٿي رسول بخش پليجي سنڌ جي قومي سياست ۾ نئون روح ڦوڪيو، يقينن قوم ان کي فخر سان ياد ڪري ٿي علمي ادب، علمي سياست ۽ فلسفي تي گهرائيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪري مستقبل جي prediction جو فن صرف پليجي صاحب وٽ هو ڪيس خبر هئي ته منفي سياست صرف منفيت جا نتيجا ڏيندي ۽ ڪيس خبر هئي ته جيسين سياسي طور تي پورهيتن هارين شاگردن ۽ عورتن کي سياست ۾ شامل نه ڪبو ته ويتر اقتدار جي نشي ۾ غش اهي سياستدان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي نقصان ڏيندا ان ڪري هن هارين شاگردن ۽ عورتن جا محاذ جوڙي ڪين اڳواڻي ڏني ۽ "سنڌياڻي تحريڪ" جهڙي منظم تنظيم جو بنياد وڌو.



سنڌياڻي تحريڪ هن وقت ايشيا کنڊ جي عورتن جي منظم تنظيم آهي پليجي صاحب جي شخصيت ۽ فڪر ۾ اهو واضح آهي ته هن شخص اصولن، قائدن ۽ ڊسيپلين واري سياست ڪري سنڌي قوم کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب ويو، سنڌ ۾ سياسي پڙهائيءَ جو رجحان جو ڪريڊٽ صرف پليجي وٽو هو ڇو ته هن سمجهيو ٿي ته جيستائين سنڌي قوم وٽ علم، نظريو ۽ فڪر نه هوندو، تيستائين اها قوم مڻئين ڪلاس وٽ يرغمال بڻيل هوندي، ان ڪري هن پڙهڻ ۽ پروڙڻ جو فن نه صرف سيکاريو پر ان تي عمل به ڪرايو. سنڌ جي سياست ۾ چٽواڳيءَ جو اثر رسوخ رهيو آهي. پڇ ڌاهه تئي ٿي تنظيمون ڇڙوڇڙ ٿينديون آهن پر پليجو ان عمل جي خلاف هو، هن پنهنجي پارٽيءَ جون ذميواريون هيٺين ڪلاس جي پورهيتن کي ڏنيون ۽ نتيجن سنڌس سياسي مورچا مضبوط رهيا. شايد اهوئي سبب آهي جو سائين جي ايم سيد هڪ هنڌ لکيو آهي ته 'جڏهن عزيزم پليجي صاحب سنڌي عوام جي قومي اتحاد پاران ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻهارين خلاف لکين ماڻهن جا جلسا ڪرايا، تڏهن مون کي به اونداهيءَ ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا نظر آيا.' واقعي به پليجي صاحب وٽ ڏاهپ هئي، علم هو جنهن جو هن مثبت انداز ۾ استعمال ڪيو. هيلي وڏي جدوجهد، ڪمٽمينٽ ۽ جاکوڙ سبب سنڌس فڪر سان سلهاڙيل ڪارڪن ڪيس 'قائدِ انقلاب' ۽ 'استاد' جو لقب ڏين ٿا. اها حقيقت آهي ته هن عظيم انسان جي فڪري واٽ مشعلِ راهه آهي ته وقت جي ضرورت به.

رسول بخش پليجي جو پورهيو زنده رهڻو آهي سنڌس جدوجهد نئين نسل لاءِ ٿياپو آهي ته پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ ڌتڙيل ماڻهن لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ جدوجهد جي پهرين مورچي تي سپاهي ٿي بيهي سرمائيدار نظام ۽ رجعت پرستيءَ کي ٽيسٽ ۽ نابود ڪري پنهنجا وسيلا ۽ ڌرتي يرغمال ٿيڻ کان بچايون.

مظهر لغاري پليجي صاحب لاءِ ڪيڏو نه خوب لکيو آهي ته:

تو ۾ ئي ٻوليءَ جي سونهن کي ڏسجي،
شفاف آئينو، تڪور بنهه تچ آهين،
ڪوئي سُورج، مڪي تاريخ سپاٽي هوندي،
رات جي توسان دشمني ٿي، جوئي، سچ آهين!

ايندڙ بجيٽ، وڌندڙ مهانگائي ۽ پريشان ماڻهو!



قاسم خاصخيلي

مهانگائيءَ جا سور ڪنهن کان به ڳجها ناهن مهانگائي هاڻ هڪ اهڙو موذي مرض بڻجي چڪو آهي جنهن جو شايد علاج دريافت ئي ناهي ٿيو، سال به سال وڌندڙ هن مرض کي ختم ڪرڻ جو دعوائون ته سامهون اچن ٿيون، پاليسيون به ٺهن ٿيون پر عملي طور هن مرض جو ڪير به علاج ڪرڻ ۽ ڳولڻ جي يا ته ڪوشش نٿو ڪري يا ان جي پويان ڪي شاطر ذهن بيٺل آهن جيڪي اهو نٿا چاهين ته اسان کي ڪو گهاٽو پوي ۽ جن کي شايد ان هٿرادو نموني پيدا ڪيل مهانگائيءَ مان سٺو سٺون فائدو ملي رهيو آهي تڏهن ته ان ڌاڻڻ مهانگائيءَ جا پويان پير ٿيڻ بدران تباهيءَ واري طوفان وانگر پير سدائين اڳتي وڌندا رهن ٿا. جيئن ته هيءَ جون جو مهينو هلي رهيو آهي وفاقي توڙي جتني صوبن جي بجيٽ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ اچي رهي آهي ملڪ ۾ هر سال جيڪا بجيٽ اچي ٿي ان بابت هڪ پاسي سدائين اِها دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته هيءَ بجيٽ عوام دوست آهي، بهتر بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي پر ٻئي پاسي وري ڪنهن پڪي راڳ وانگر حڪمرانن واتان اِهو سُر به ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي ته ملڪ نازڪ موڙ مان گذري رهيو آهي، اسان تي آئي ايم ايف جو دٻاءُ آهي، معاشي صورتحال خراب آهي هيترا هزار ارب قرض چڙهي ويو آهي ۽ ان قسم جون ڳالهيون ڪري عوام کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري ان مٿان هر سال مختلف شين جي صورت ۾ ٽيڪسن جو به بار وڌو ويندو آهي جنهن سان سڌي سنئين عام ماڻهوءَ جي زندگي متاثر ٿئي ٿي بجلي جا بل ڏسون، گئس جا بل ڏسون، پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه ڏسون يا زندگيءَ جي عام واهپي جون شيون يا هر طرح جو بلڊنگ مٽيريل، ڪير ڏهي ڪاسميٽڪس، ڪپڙو ۽ دوائون وغيره ڏسون ته انهن ۾ رڳو ٽيڪس لڳل نظر ايندا آهن هڪ مزدور جيڪو سٺ سٺو يا اڪ سئو روپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو، اهو اٽي ڪٽي، پٽي گيهه، ماچيس کان وٺندي لوڻ مرچ تي به ٽيڪس ڀري ٿو، جيڪڏهن هو مزدوري ڪرڻ لاءِ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وڃي ٿو ته اتي اچڻ وڃڻ جو ڀاڙو، ٽوڙ ڪرايو به ڀري ٿو. نتيجي ۾ هو پنهنجي گهر هٿين خالي ٿي پهچي ٿو هڪ مزدور پنهنجي معصوم ٻارن جون ننڍڙيون خواهشون به پوريون نٿو ڪري سگهي شيءِ وٺي ڏيڻ به وس ۾ نٿو رهي، رات جو رڪي سڪي تي گذارو ڪري ٿو، ڪٿي گهمڻ ڦرڻ به نٿو وڃي سگهي ڪنهن ڀاءُ، برادر يا دوست جي شادي غمي ۾ وڃڻ لاءِ به پريشان رهي ٿو پيو ته ڇڏيو پر هو پنهنجي ڪنهن گهر ڀاتي جي بيماري يا ٻي ايمرجنسي کي به منهن نٿو ڏئي سگهي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن مجبورن ڪٿان ڪجهه هزار قرض به ڪٽي ٿو ته اهو لاهڻ لاءِ وري الڳ اذيتن جو شڪار بڻجي ٿو وڃي جيڪڏهن ڪو ٿاڻو سرڪاري ملازم آهي ته ان جي به اُتري پگهار ناهي جنهن سان هو مهانگائيءَ جو پوراٿو ڪري سگهي جيڪڏهن ننڍي گريڊ جو ڪو ريٽائر ملازم آهي ته ان جي پينشن به تمام گهٽ آهي جنهن سان هو زندگيءَ جو گاڏو ڌڪڻ جي قابل ناهي رهيو. ...

پهريون صنعتي انقلاب (ٻاڦ واري انجڻ کان جديد دنيا تائين)!



ايڊووڪيٽ حق نواز ميمڻ


اڄ جڏهن دنيا مصنوعي ذهانت - (Artificial Intelligence (AI، روبوٽڪس (Robotics)، بگ ڊيٽا (Big Data)۽ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجي (Digital Technology)جي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي، تڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته انسان هن مقام تائين ڪيئن پهتو؟ ڇا اهي سڀ تبديليون اوچتو وجود ۾ آيون آهن يا انهن جي پويان صدين تي پکڙيل ڪو سفر به موجود آهي؟ تاريخ جا ورق ورائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ جو ٽيڪنالاجي دور هڪ ڊگهي ارتقائي عمل جو نتيجو آهي، جنهن جي شروعات لڳ ڀڳ اڍائي سؤ سال اڳ هڪ اهڙي ايجاد سان ٿي، جنهن نه صرف پيداوار جا طريقا تبديل ڪيا، پر انساني تهذيب جي رُخ کي به نئون موڙ ڏنو. اها ايجاد ٻاڦ واري انجڻ (Steam Engine)هئي ۽ تاريخ ۾ هن دور کي (First Industrial Revolution)يعني پهريون صنعتي انقلاب (1760ع - 1840ع) سڏيو وڃي ٿو، جنهن جو بنياد ٻاڦ واري انجڻ ۽ مشيني پيداوار تي پيو.

صنعتي انقلاب کان اڳ دنيا جي معيشت جو بنياد زراعت، دستڪاري ۽ محدود پيماني جي واپار تي هوندو هو. گهڻا ماڻهو ڳوٺن ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي روزمره جون شيون هٿ سان تيار ڪندا هئا. ڪپڙو اُڻڻ، اوزار ٺاهڻ ۽ ٻين شين جي پيداوار ننڍن ورڪشاپن يا گهرن تائين محدود هئي. پيداوار جي رفتار سست ۽ مقدار محدود هوندو هو، جنهن ڪري وڌندڙ آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ مشڪل ٿيندو پئي ويو. اهڙي پسمنظر ۾ نون طريقن ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي. هتي هڪ اهم سوال اهو به پيدا ٿئي ٿو ته آخر پهريون صنعتي انقلاب برطانيا (Britain)۾ ئي ڇو شروع ٿيو؟ تاريخدانن موجب ان جا ڪيترائي سبب هئا. برطانيا وٽ ڪوئلو (Coal)۽ لوهه (Iron Ore)جهڙا قدرتي وسيلا وڏي مقدار ۾ موجود هئا. ان کان علاوه سامونڊي واپار، سياسي استحڪام، مضبوط مالي ادارا ۽ سائنسي تحقيق لاءِ سازگار ماحول پڻ موجود هو. پر حقيقت اها آهي ته صرف وسيلا ترقي جي ضمانت ناهن هوندا. دنيا جي ٻين علائقن وٽ به قدرتي وسيلا هئا، پر برطانيا کي جيڪا برتري حاصل هئي، سا علم، تحقيق ۽ ايجادن جي حوصلا افزائي سبب ٿي اهوئي سبق اڄ به ترقي پذير ملڪن، خاص طور تي پاڪستان لاءِ انتهائي اهم آهي. پهرين صنعتي انقلاب جو سڀ کان اهم ڪردار ٻاڦ واري انجڻ ادا ڪيو. جيتوڻيڪ ٻاڦ جي طاقت بابت تجربا اڳ به ٿيندا رهيا هئا، پر اسڪاٽش موجد جيمز واٽ (James Watt)ان کي وڌيڪ ڪارائتو ۽ عملي بڻايو. هن ايجاد سان انسان پهريون ڀيرو اهڙي طاقت حاصل ڪئي، جيڪا نه ٿڪجي، نه آرام گهري ۽ نه موسم جي محتاج هجي. نتيجي طور ڪارخانا مسلسل هلڻ لڳا ۽ پيداوار ۾ غيرمعمولي اضافو ٿيو. ٻاڦ واري انجڻ سان گڏ ڪارخانيداري نظام (Factory System)جنم ورتو. اڳ جيڪي شيون گهرن يا ننڍن ورڪشاپن ۾ تيار ٿينديون هيون، سي هاڻي وڏن ڪارخانن ۾ مشينن ذريعي ٺهڻ لڳيون. خاص طور تي ڪپڙي جي صنعت (Textile Industry)۾ وڏيون تبديليون آيون. اسپننگ جيني (Spinning Jenny)، واٽر فريم (Water Frame) ۽ پاور لوم (Power Loom)جهڙين ايجادن ڪپڙي جي پيداوار کي نئين سطح تي پهچائي ڇڏيو. نتيجي ۾ شيون سستيون ٿيون، پيداوار وڌي ۽ مارڪيٽن جو دائرو وسيع ٿيو. صنعتي انقلاب جو اثر صرف ڪارخانن تائين محدود نه رهيو. ٽرانسپورٽ (Transport)جي شعبي ۾ به بنيادي تبديليون آيون. ٻاڦ تي هلندڙ ريل گاڏيون (Steam Locomotives)۽ جهاز (Steamships)متعارف ٿيا، جن سفر ۽ واپار کي نئين رفتار ڏني. اڳ جيڪي فاصلا هفتن يا مهينن ۾ طئي ٿيندا هئا، سي هاڻي ڏينهن ۾ مڪمل ٿيڻ لڳا. مختلف علائقا هڪ ٻئي سان ڳنڍجڻ لڳا ۽ عالمي واپار جو نئون دور شروع ٿيو.

صنعتي انقلاب جو هڪ اهم نتيجو شهري آباديءَ ۾ واڌ پڻ هو. ڪارخانن ۾ روزگار جي نون موقعن سبب لکين ماڻهو ڳوٺن مان شهرن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا. مانچسٽر (Manchester)، برمنگهم (Birmingham)۽ ليورپول (Liverpool)جهڙا شهر صنعتي مرڪز بڻجي ويا. ان ترقيءَ سان گڏ ڪيترائي سماجي مسئلا به پيدا ٿيا. مثال طور مزدورن کي ڪيترائي ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو، پگهار گهٽ هوندي هئي ۽ ڪم ڪندڙ حالتون اڪثر غيرمحفوظ هونديون هيون. جڏهن ته عورتن ۽ ٻارن کان به سخت محنت ورتي ويندي هئي، جنهن بعد مزدورن جي حقن بابت تحريڪن جو وجود عمل ۾ آيو. معاشي نقطهءِ نظر کان ڏٺو وڃي ته پهريون صنعتي انقلاب جديد سرمائيداري نظام (Capitalism)جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پيداوار وڌڻ سان ڪاروبار وڌيا، سيڙپڪاري (Investment)۾ اضافو ٿيو ۽ نوان معاشي طبقا وجود ۾ آيا. برطانيا جلد ئي دنيا جي سڀ کان وڏي صنعتي ۽ واپاري طاقت بڻجي ويو. مشهور اقتصادي مورخ ڊيوڊ لينڊس (David Landes) لکي ٿو ته صنعتي انقلاب مغربي دنيا جي معاشي برتري جو بنياد بڻيو. جڏهن ته ايريڪ هابس بام (Eric Hobsbawm)ان کي انساني تاريخ جي سڀ کان اثرائتين تبديلين مان هڪ قرار ڏئي ٿو. هر وڏي تبديلي وانگر هن انقلاب جا منفي پهلو به هئا. ڪوئلي جي وڏي استعمال سبب ماحولياتي آلودگي وڌي وئي، صنعتي شهرن ۾ دونهون، گدلاڻ ۽ صحت جا مسئلا عام ٿيڻ لڳا. دولت جو وڏو حصو ڪارخانن جي مالڪن وٽ گڏ ٿيڻ لڳو، جڏهن ته مزدور طبقو گهڻو وقت سخت معاشي حالتن کي منهن ڏيندو رهيو. ان ڪري ڪجهه ماهر صنعتي انقلاب کي ترقي ۽ عدم مساوات (Inequality)جو آغاز پڻ قرار ڏين ٿا. اڄ جڏهن پاڪستان پنهنجي معاشي ۽ صنعتي مسئلن سان وڙهي رهيو آهي، تڏهن پهريون صنعتي انقلاب اسان کي هڪ اهم سبق ڏئي ٿو. قومن جي ترقي صرف قدرتي وسيلن سان نه ٿيندي آهي پر سائنسي تحقيق (Scientific Research)، فني تعليم (Technical Education)، جدت (Innovation)۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ کي قبول ڪرڻ سان ٿيندي آهي. برطانيا جي ڪاميابيءَ جو راز صرف ڪوئلو يا لوهه نه هو، بلڪه علم ۽ تحقيق تي اعتماد هو. پاڪستان لاءِ به مستقبل جي ترقيءَ جو رستو يونيورسٽين، تحقيقاتي ادارن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري مان گذري ٿو. تاريخ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته جيڪي قومون وقت جي تبديليءَ کي سمجهن ٿيون ۽ نون خيالن کي قبول ڪن ٿيون، اهي اڳتي وڌن ٿيون. جڏهن ته تبديليءَ کان ڀڄندڙ قومون پوئتي رهجي وڃن ٿيون. پهرين صنعتي انقلاب انسان کي مشيني دور ۾ داخل ڪيو، ٻئي ۽ ٽئين صنعتي انقلاب ان سفر کي اڳتي وڌايو ۽ اڄ دنيا هڪ نئين دور جي در تي بيٺل آهي.


(شخصيتون) —— اڄوڪو ڏينهن ..... 07 جُون

رسول بخش پليجو



اڄ سنڌ جي انقلابي سياسي اڳواڻ، دانشور ۽ قانوندان رسول بخش پليجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم 1930ع ۾ ٺٽي ضلعي جي شهر جنگشاهيءَ ويجهو ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ علي محمد پليجي جي گهر ۾ ٿيو هو ٺٽي سنڌ مدرسته الاسلام ۽ مسلم لا ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ قانون جي سند حاصل ڪيائين سنڌس شمار ملڪ جي ساک وارن وڪيلن ۾ ٿيندو هو هن ون يونٽ خلاف هلندڙ هلچل ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو 1968ع ۾ جڏهن سائين جي ايم سيد بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وڌو ته پليجو صاحب انهيءَ بزم جو سيڪريٽري چونڊيو ويو 1970ع ۾ هن نئين پارٽي "عوامي تحريڪ" جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري ٿيو انهيءَ تحريڪ جون ڪيترين ئي ذيلي تنظيمون جوڙيون ويون، جن ۾ هاري تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ، سڄاڳ ٻار تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن پليجي صاحب ۽ سنڌس عوامي تحريڪ هميشه سنڌ جي مفادن جي حق ۾ ۽ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ ويسلهه گهاتين خلاف ڀرپور آواز اٿاريو ون يونٽ سنڌيءَ ۾ چيرائڻ، ڪالاباغ ۽ ٿل ڪئنال خلاف جدوجهد، ايم آر ڊي تحريڪ، ڪاروڪاري ۽ جرڳا سسٽم ختم ڪرڻ واري تحريڪ ۽ ٻين سنڌ جي مفادن سان لاڳاپيل ...

عبدالغفار صديقي




اڄ مشهور تعليمي ماهر عبدالغفار صديقيءَ جي ... ڏينهن آهي هن 7 جون 1939ع ... سنڌ جي مشهور شهر ڀٽ شريف ... مخدوم نجم الدين صديقيءَ جي گهر جنم ورتو ابتدائي تعليم ... پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ... ۽ ميٽرڪ جو امتحان نوشهري فيروز ... مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي ... سنڌس سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ... جي شروعات اسڪول ٽيچر طور ... سپروائزر، بيٽ آفيسر، سبجيڪٽ ... جوجيف ڪوآرڊينيٽر، ڊسٽرڪٽ ... ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ تعليمي ... رهيو ٻين به اهم عهدن تي ڪم ... ڄامشوري جي بورڊ آف گورنرس جو ...

مخدوم طالب الموليٰ پنهنجي ڪتاب "ياد رفتگان" ۾ لکيو آهي ته نواب الهداد خان لغاريءَ ڪوٽ لاشاريءَ ۾ 30 نومبر 1882ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.


گڏ ڪلام ۽ تاثر به لکندي رهي آهي ۽ شاعريءَ سان به شوق رکي ٿي سنڌس هڪ ڪتاب "ڪُهر آهي زندگي" (شاعري) ...

ڏاري باقاعدي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ محمد خان غنيءَ ...

مختيار اٽڪ




حزب الله ميمڻ



قلندر بخش صوفي

سيد وينل شاهه جهانيان



جمن جي بلوچ



ياسمين جاڻديو



حاجي نواز علي شاهه

پليائو ٻهتر

ممتاز علي پنڊ

نواب الهداد خان لغاري صوفي

بقايا 1 "روزاني عبرت"

نوجوان وزير علي لاشاري قتل ۽ علي رضا هيسباڻي زخمي ، مقتول نوجوان وزير لاشاري راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو ، ساهرن سان گڏ ڳوٺ مڏباهو ۾ رهندو هو باقراڻي ٿاڻي اين سي داخل جوابدار گهر خالي ڪري فرار ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي رپورٽ موجب : باقراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهہ تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ڏنڊن لٺن ۽ خنجر جو سرعام استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هيسباڻي برادري ڌر جو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ وارث ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي ڪاڻي ويا جتي نوجوان وزير لاشاري جي حالت نازڪ هئڻ سبب ڊاڪٽرن علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو جيڪو ڪراچي نهندي رستي ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو هوڏانهن اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ بعد حد جي ٿاڻي باقراڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ مقتول نوجوان وزير لاشاري بابت ٻڌايو پيو وڃي تہ هو راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي آهي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو پنهنجي ساهرن سان گڏ رهندو هو اهڙي واقعي جي اين سي باقراڻي ٿاڻي تي جوابدار سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي علي رضا هيسباڻي ٻڌايو تہ معمولي ڳالهہ تان سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن گهر تي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ مان ۽ منهنجو ڀڻيڃو وزير علي لاشاري سخت زخمي ٿي پيا، بعد ۾ ڀڻيڃو وزير علي لاشاري زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ باقراڻي پوليس ٻڌايو تہ معمولي ڳالهہ تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هيسباڻي ڌر جو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب قتل ٿي ويو آهي اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال ڪاڻي وڃي پوليس مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو ويو پوليس جي پهچڻ کان اڳ جوابدارن گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا هئا.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

عورت خالده چانڊيو موقعي تي فوت ٿي وئي هئي جڏهن تہ سندس مڙس سول اسپتال خيرپور ۾ زير علاج هو جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي

بقايا 3 "روزاني عبرت"

۽ متاثر ٿيل ڳوٺ ۾ طبي ڪيمپ قائم ڪري اڙي جي وبا ۾ مبتلا معصوم ٻارن کي اڙي کان بچاءُ جا ٽڪا لڳائي وڏيڪ معصوم ٻارن جي حياتيون ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃن

بقايا 4 "روزاني عبرت"

هجڻ ڪري اسان کي تعلقا اسپتال ٽنڊوباگو ڏانهن روانو ڪيو آهي ٻي طرف پوليس ٻنهي ڌرين مٿي جيهڙو جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ٻي طرف ملاح برادري جي ماڻهن غلام حسين ملاح ۽ ذوالفقار علي ملاح تعلقا اسپتال اڳيان احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي تہ جمالي برادري جي ماڻهن اسان کي هرو ڀرو تنگ ڪري جيهڙو ڪيو آهي اسان جي عورتن کي غلط اشارا ڪرڻ تان منع ڪرڻ تي جمالي برادري جي 10 کان وڌيڪ ماڻهن لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري اسان جي ڪن نوجوانن کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي ، اسان سندس زيادتين جي جمالي برادري جي معززين کي بار بار داتهون ڏنيون پر جمالي برادري هئڻ بجائي اڄ اسان سان بي گناهہ جيهڙو ڪيو آهي اسان کي اڳ پڻ ڌمڪيون ڏيندي رهيا انصاف ڪري حملو ڪندڙ بااثر جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي طرف جمالي برادري جي غلام مصطفيٰ جمالي موجب اسان جي ڳوٺ وچ ۾ اسان جي واهہ مٿي ڪچي پل رکيل آهي جنهن لنگهڻ تان ملاح برادري جي ماڻهن کي روڪڻ

SINDH INSTITUTE OF PHYSICAL MEDICINE & REHABILITATION

Admission POSTGRADUATE July 2026

Physical Medicine & Rehabilitation (PMR)

FCPS-II (Fellowship from CPSP, Pakistan)

- Certificate of Passing FCPS part-I in General Medicine or General Surgery
- MBBS Degree +1 year House Job
- Valid PMC / PMDC Registration

Last date for submission of application form is

Saturday, 20th June 2026

Interviews will be conducted on

Wednesday, 24th June 2026

For further queries contact on
Email: pg@sipmr.edu.pk, postgraduate@sipmr.edu.pk
Phone +92-21-99216213-14.

What makes PM&R stand out?

A Physical Medicine & Rehabilitation (PMR) physician (physiatrist) specializes in a broad range of multidisciplinary rehabilitation services. Rehabilitation medicine training includes musculoskeletal, neurological, pediatric, amputee, cardiopulmonary, autism, interventional rehabilitation (pain management, spasticity management), nerve conduction studies, and electromyography.

Department of PostGraduate Studies, SIPM&R

Domiciles of all Provinces

Application form can be downloaded from website: **www.sipmr.edu.pk** & must be submitted at Department of Postgraduate Studies Additional Executive Director Office along with all required documents of eligibility & pay order of Rs. 3000/- only in favor of Fees Collection SIPMR, National Bank of Pakistan, Income Tax Building Branch, Karachi.

Candidates in Government service should apply through proper channel with an advance copy, to Administration, SIPM&R with NOC from Govt. of Sindh.

No TA/DA will be paid neither accommodation will be provided to any candidate.

INF-KRY/2281/26

باقراڻي لڳ هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان قتل، هڪ زخمي

ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۾ لٺين، ڏنڊن ۽ خنجرن جو آزادانه استعمال

هيسباڻي ڌر جو وزير علي لاشاري قتل ۽ علي رضا هيسباڻي زخمي ٿيو، نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل

مقتول جي وارثن پاران قتل جو ڪيس داخل، جوابدار فرار، پوليس پاران ڇاپا هڻڻ جو سلسلو جاري

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي لڳ ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، ڏنڊن لٺين ۽ خنجر جو سرعام استعمال هيسباڻي ڌر جو 25 ورهين جو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



راڌڻ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

خيرپور ۾ زهر پيئڻ خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان فوت

خيرپور(ذ ر) خيرپور ۾ زهر پيئندڙ نوجوان ٻه ڏم ڏئي ڇڏيو خيرپور جي واپڊا ڪالوني ۾ نوجوان زال مڙس پاران زهر پي آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان جاويد چانڊيو ٻه فوت ٿي ويو ياد رهي ته گذريل ڏينهن شام جو نوجوان جوڙي هڪ ٻئي سان ناراض ٿي عورت خالده چانڊيو ۽ سندس مڙس وحيد چانڊيو زهر پي ڇڏيو جنهن ۾
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



ٺٽون ڳوٺ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ڪمال ديرو ۽ پرپاسي ارڙي بيماري، معصوم ٻڪنگر فوت، ڪيترائي مبتلا

ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ 8 مهينن جو ٻڪنگر تعمور سرگاڻي فوت ٿي ويو

ڪيترائي ٻارڙا موذي مرض ۾ وڪوڙيل آهن، صحت کاتو ٽيم موڪلي: رهواسي

ڪمال ديرو(ن ع) ڪمالديرو پرسان ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ ارڙي وبا جي صورت اختيار ڪري ڪئي پوري علائقي ۾ پکڙجي وئي ارڙي جي وبا ۾ 8 مهينن جو ٻڪنگر تعمور سرگاڻي فوت فوتي ٻڪنگر جي وارثن موجب معصوم ٻار کي وقت سر ارڙي جا حفاظتي ٽڪا نه لڳڻ سبب ٻار فوت ٿيو مختلف هنڌن تان پڻ علاج به ڪرايو ويو پر هو صحتياب نه ٿي سگهيو ڳوٺاڻن موجب هن وقت ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ ڪيترائي ٻار ارڙي جي وبا ۾ مبتلا آهن سنڌ جي صحت واري وزير سيڪريٽري صحت ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز فل فور نوٽيس وٺي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ بدامني خلاف شهرين ۽ سجاڳ ڌرين جو احتجاجي مظاهرو، ڊي ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو

جسقم جي تي مختلف تنظيمن پاران ڏمال چوڪ کان ڊي ايس پي آفيس تائين ريلي ڪڍي وئي

وڏي وزير جي چوند تڪ بدامني عروج تي آهي جنهن عوام جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن: اڳواڻ

اڳواڻن پاران ڦر ٿيل مال واپس نه ٿيڻ جي صورت ۾ عاشوره بعد احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) سيوهڻ ۾ وڌندڙ بدامني جي لهر خلاف جسقم بشير خان گروپ جي اعلائيل سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪالهه ڏمال چوڪ کان ڊي ايس پي آفيس تائين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو لڳ ڏهن سالن جي نياڻي کي نانگ ڪکڻ سبب فوت

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو لڳ ملڪاڻي شريف جي رهواسي ڏهن سالن جي نياڻي چانڊني ڪولهي کي نانگ ڏنگي وڌو ملڪاڻي شريف سرڪاري اسپتال ۾ نانگ جي ويڪسين نه هجڻ ڪري وارث موٽرسائيڪل تي جهڏي کڻي ويا پر ڊاڪٽرن جي علاج تائين معصوم نياڻي ن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



پرياسڻي: زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

خيرپور واسڻ جو وارث عورتن سان گڏجي پوليس اهلڪار خلاف احتجاج

اي ايس آءِ دوستي نه رکڻ تان پاڻين تي ايف آءِ آرون ڪرايو آهي: عليشا لنڊ

نوٽيس وٺي ڪوڙا ڪيس ختم ڪري خاندان کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو

خيرپور(ذ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد تارائي ڊڪڻ لقمان جي رهواسڻ مسمات عليشا لنڊ پنهنجي ڀينرن مسمات نادره خاتون بشيران خاتون پاڇائي سينا خاتون ۽ والد مير خان لنڊ سان گڏ خيرپور پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته گذريل ڪن مهينن کان اي ايس آءِ يوسف ناريجو ساڻس دوستي قائم رکڻ لاءِ مسلسل هراسان ڪندو رهيو آهي ۽ انڪار ڪرڻ تي سندس خاندان خلاف انتقامي ڪاروائين تي لهي آيو آهي مسمات عليشا لنڊ صحافين کي ٻڌايو ته اي ايس آءِ يوسف ناريجي سندس والد ليلان خاتون لنڊ خلاف منشيات جو ڪوڙو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٻلوري ۾ موبائيل شاپ تان ٺڳن ٺڳيءَ چارجنگ ڪيبل وٺڻ بهاني لکين رپيا کڻي فرار

مين بس اسٽاپ ويجهو دڪان تان ٺڳن دڪاندار کي ورغلا ساڍا 4 لک رپيا کڻي ويون

پوليس پاران سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ، جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ جلد گرفتاري جو دعوي

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو ۾ چوري جي انوکي واردات، موبائيل شاپ تان چارجنگ ڪيبل خريد ڪرڻ لاءِ آيل ٺڳن دڪان مان ساڍا چار لک رپيا چوري ڪري ويون دڪاندار جا مٽي تي هٿ اچي ويا اطلاع تي ايس ايڇ او پهچي تفصيل معلوم ڪرڻ بعد ٿيل واردات جي جاچ شروع ڪري ڇڏي، پوليس واردات ۾ ملوث ڇوڪرين ۽ ملوث سهولتڪارن جا سي سي فوٽيج هٿ ڪري ورتا خبر موجب ميرپور بٺورو جي مين بس اسٽاپ ۽ سول ڪورٽ جي سامهون قائم اوپس ڪميونيڪيشن تان ڏينهن ڏٺي جو خريداري
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو هٿيارٻندن ڳوٺاڻي کان 2 لک رپيا ڦري ويا، اين سي داخل

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو شهر جي گئس آفيس لڳ هٿيارٻندن پاران ڳوٺاڻي کان 2 لک رپيا ڦر واقعي جي اين سي داخل متاثر ڳوٺاڻي جو احتجاج تفصيلي خبر موجب سيتارجا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني تي سيتارجا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



باڊهه: سماجي رضاڪار تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو ۾ پرائمري استادن جو پگهارن ۾ واڌ سميت مطالبن لاءِ احتجاجي ريلي

100سيڪڙو اسڪيل رواڻ ميڊيڪل الائونس ۽ رٽائرڊ استادن جي پگهارن ۾ واڌ لاءِ نعريبازي

مطالبا منظور نه ٿيڻ تي ڪراچي سي ايم هائوس طرف مارچ ڪيو ويندو: مظاهرين

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو ۾ سوين پرائمري استادن پگهارن ۾ واڌ سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ سڪندر علي پرڳڙي، جاني طفيل ميمڻ الطاف رستماڻي، فهيم پرڳڙي، ڪانتيش ڪمار لوهاڻا واحد بخش رند، لياقت بلوچ ۽ ذوالفقار علي رند جي اڳواڻي ۾ مين پرائمري اسڪول مرحوم محمد صديق مسافر ٽنڊوباگو کان ريلي ڪڍي شهر جي مک بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو آهي جتي استادن موجب پگهارن ۾ گهٽتي مهانگائي سبب 100 سيڪڙو واڌ اسڪيل روائيز ڪري ميڊيڪل الائونس سميت سيني الائنس ۾ واڌ ڪندي رٽائرڊ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ پاڻي جي هٽراڊو ڪوٽ خلاف جي يو آءِ جو احتجاجي مظاهرو

آبڪلياتي جي اهم وقت ۾ به وارا بندي ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

پاڻي جي غير منصفاڻي ورچ ختم ڪري مقرر حصي موجب فراهمي يقيني بڻايو وڃي

سجاول(ذ ر) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سجاول جي اڳواڻن مولانا محمد صالح الحداد، حافظ فضل الله فياض، عبدالغني سومرو مولانا عبدالقادر سومرو ۽ حنيف سومرو پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ سجاول ضلعي ۾ پاڻي جي هٽراڊو ڪوٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته آبڪلياتي جي اهم وقت ۾ به وارا بندي ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب ساريال جي فصل کي شديد نقصان پهچڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي هنن چيو ته سجاول ضلعي ۾ وڏي پئماني تي ساريال جو فصل پوکيو ويندو آهي، جيڪو هزارين آبادگارن ۽ هارين
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5



هنگورجا: جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

سامارو لڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي

بودرفارم ٿاڻي جي حد ۾ هٿيارٻندن عبدالستار کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر

سامارو(ن ع) سامارو ويجهو بودرفارم ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ ڪامل خان ڪلر ۾ زمين تي ڪم ڪندڙ 45 ساله عبدالستار پٽ سونهارو ڪلر کي جوابدارن گوليون هڻي زخمي ڪيو اطلاع تي پوليس ۽ وارثن پهچي نوجوان کي زخمي حالت ۾ تعلقه اسپتال سامارو پهچايو جتي ڳڻتي جوڳي حالت هئڻ ڪري حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو وارثن موجب زخمي ستار ٻني ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته جاويد ڪلر موٽرسائيڪل تي اچي گوليون هڻي مارڻ جي ڪوشش ڪئي جوابدارن سان سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان گوليون
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو لڳ ملاح ۽ جمالي برادري ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

عورتن کي اشارا ڪرڻ واري تڪرار تان ڌرين جو هڪٻئي مٿان لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو

زخمين کي ڏيئي رورل هيلٿ سينٽر ۽ پوءِ ٽنڊوباگو اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٻنهي ڌرين جا هڪٻئي تي الزام، پوليس پاران ڪيس داخل، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو لڳ ڪيرول ۾ ملاح ۽ جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ عورتن کي اشارا ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي پونيا ڏيڻ تان جهيڙو 7 ڄڻا سخت زخمي، زخمين ۾ منور ملاح، اصغر علي ملاح، نواز ملاح جڏهن ته جمالي برادري جا نور محمد جمالي، مير محمد جمالي ،غلام مصطفي جمالي ۽ بهادر جمالي سخت زخمي، زخمين کي پهريائين ڏيئي جي رورل هيلٿ سينٽر تي روانو ڪيو ويو جتان ڪين تعلقا اسپتال ٽنڊوباگو ۾ علاج لاءِ داخل ڪرايو ويو، زخمين موجب رورل هيلٿ سينٽر ڏيئي ۾ ڊاڪٽر جي نه
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مسوبڙڳڙي پرسان چار شاخ ۾ پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورهاست خلاف آبادگارن جو احتجاج

شاخ جي پاڻي ورچ واري نظام کي تبديل ڪري جاگيردارن، وڏيرن جي مفادن حوالي ڪيو ويو آهي

مبينا ڪرپشن سبب هيٺين حصن تائين پاڻي نه پهچڻ تي فصل سڪي وڃڻ جو خدشو آهي:مظاهرين

مسوبڙڳڙي (ن ع) مسوبڙڳڙي پرسان وهندڙ چار شاخ تي پاڻي جي منصفاڻي ورچ بابت سنگين شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن مقامي آبادگارن الزام هنيو آهي ته ٽئين مقرر ٿيل داروغي پاران شاخ جي پاڻي ورچ واري نظام کي مڪمل طور تبديل ڪري جاگيردارن، وڏيرن ۽ بااثر ماڻهن جي مفادن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن سبب سوين ننڍا آبادگار پاڻي کان محروم بڻجي ويا آهن متاثر آبادگارن جو چوڻ آهي ته اڳ پاڻي جي ورچ لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن وار روٽيشن سسٽم کي عملي طور بند ڪيو ويو آهي الزام آهي ته رات جي اونداهي ۾
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوباگو: جهيڙي ۾ زخمي طفصيل ڏيندي

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت تي مبينا تشدد ۽ باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش، احتجاج

مسمات سميره ڪوسو والديہ سان گڏجي پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

مڙس، ڏيرن ۽ سهري تشدد ڪيو آهي، پوليس به ڪيس داخل نٿي ڪري، نوٽيس ورتو وڃي:سميره

پوليس تي رپورٽ داخل نه ڪرڻ جو الزام، اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس ۽ انصاف جو مطالبو

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر) ڳوٺ ڪالو خان ڪوسو جي رهواسڻ مسمات سميره زال محمد سليم ڪوسو پنهنجي والده مسمات رضيه ڪوسو سان گڏ ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو هن الزام هنيو ته سندس مڙس، ڏيرن ۽ سهري پاران مٿس مسلسل تشدد ڪيو پيو وڃي ۽
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدانيت وار سنڌ جا غيرت مند برداشت نه ڪندا: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

حڪمرانن 28 ترميم آڙ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ڪئي ته جا لکين ماڻهون مزاحمت ڪندا

راڻيپور ۾ منشيات فروشن جي آڙ ۾ سموري ڳوٺ کي ساڙڻ ناانصافي آهي

هنگورجا (ن ع) جسقم (شهيد بشيرخان قريشي) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته جيڪڏهن حڪمرانن 28 ترميم آڙ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ڪئي ته سنڌ جا لکين ماڻهون مزاحمت ڪندا ۽
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ وومين پوليس جي ڪراچي ۾ ڪارروائي، ٻه ڀينرون بازياب، هڪ گرفتار

پوليس لالو کيت ۾ ڪارروائي ڪري سدرا نصير پٽي ۽ جويريا کي بازياب ڪرائي ورتو

ڪيس ۾ نامزد هڪ جوابدار عمير پٽي گرفتار،بازيابي بعد ٻئي ڀينرون عدالت ۾ پيش

عدالت ٻنهي ڀينرن کي سيف هائوس منتقل ڪري ڇڏيو، جوابدار ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ پوليس حوالي

عمرڪوٽ (ذ ر) وومين پوليس عمرڪوٽ ڪراچي جي علائقي لالو کيت ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا طور اغوا ٿيل ٻن ڀينرن سدرا نصير پٽي ۽ جويريا نصير پٽي کي بازياب ڪرائي ورتو جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد هڪ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



عمرڪوٽ: بازياب ڪرايل ٻه ڀينرون پوليس جي ڪسٽڊي ۾ بيٺل آهن

ڪيرو ويجهو جڳهه، جو ڇڄو ڪرڻ سبب پي ٽي آءِ اڳواڻ دبي فوت، هڪ زخمي

ڳوٺ ڪالو راڄڙ ۾ تعميراتي ڪم دوران ڇڄو ڪرڻ سبب عمران جٽ فوت ٿي ويو

زخمي پورهيت ۽ لاش اسپتال آڻڻ بعد لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ ڪالو راڄڙ ۾ جڳهه جي سيٽرنگ کولڻ وقت ڇڄو ڪرڻ سبب مقامي پاڪستان تحريڪ انصاف جو عهديدار عزيز ڪالوني واسي عمران عرف مانو ولد رفيق جٽ تڏي تي دبجي فوت جڏهن ته هڪ پورهيت زخمي ٿي ويو فوتي جو مڙهه ۽ زخمي کي تعلقي ڪيرو آندو ويو فوتي مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مرحوم جي جنازي نماز عيد گاهه گرائونڊ ڪيرو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين شرڪت ڪئي



هالا: مقتول نوجوان جو فائيل فوٽو ٻي طرف وارث احتجاج ڪندي

اسلام ڪوٽ ۾ بدين واسي جو پيرسن پيءُ جي گمشدگي خلاف احتجاج، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

اسلام ڪوٽ (ن ع) بدين شهر جي ملوڪ پاڙي جي رهواسي ڏانو مل ميگهواڙ پريس ڪلب تي پهچي ڏانهيندي چيو ته سندس والد 70 سالن جو حاجو مل ميگهواڙ گذريل 7 مهينن کان غائب آهي ڳولا ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر هٿ نه آيو آهي اسان کي اسلام ڪوٽ ۾ هجڻ جا اطلاع مليا
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ اڄڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙي دوران 15 ماڻهو زخمي

ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان ڌرين هڪٻئي تي ڏنڊا ۽ پٿر وسايا

متاثرن جو واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

خيرپور(ذ ر)خيرپور لڳ ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان اڄڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙو15 ماڻهو زخمي شهر ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو تفصيل موجب خيرپور لڳ ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان اڄڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين طرفان لٺين، ڏنڊن ۽ پٿرن جو استعمال ڪيو ويو جڏهن ته فائرنگ جون به اطلاع مليون جهيڙي دوران لٺبازي، ڏنڊن ۽ پٿراءُ سبب 15 ماڻهو زخمي ٿي پيا، جن طبي امداد لاءِ اسپتال داخل ڪيو ويو جڏهن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ ۾ ضمير اوڊ جو امڙ سان گڏجي پاڪ ڪٺي احتجاج

ٺٽون ڳوٺ (ن ع) ٺٽون ڳوٺ جي رهواسي ضمير اوڊ پنهنجي پيرسن امڙ ملوڪان سان گڏ هٿن ۾ قرآن شريف کڻي پاڻي پاس ٺٽون ڳوٺ دين پور روڊ تي احتجاج ڪندي انصاف جي اپيل ڪئي آهي آواز ڪئي وڃي سان ڳالهائيندي متاثر شهري ضمير اوڊ چيو ته سندس پاڻيڪو نديم پٽ ارباب اوڊ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۾ پاڻي جي کوٽ سبب سارين جو فصل پوکجي نه سگهيو، هزارين ايڪڙ زمين پوکائي کان متاثر

راڄ واهه سميت چار واهه، ڪڙيو واهه ۽ امام واهه ۾ پاڻي گهٽ هجڻ سبب ٻيجارو ۽ فصل سڪي وڃڻ جو خدشو

آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي خلاف آبادگارن ۽ سياسي ڌرين جي احتجاجي مظاهرو نعريبازي

مظاهرين جو لاڙ پٽي ۾ فوري پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو، ٻي صورت ۾ زرعي پيداوار سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ سارين جي فصل پاڻي جي کوٽ سبب سخت متاثر هزارين ايڪڙن تي ٻيجارو پوکجي نه سگهيو سوين ايڪڙن تي پوکيل سارين جو ٻيجارو ٻيا فصل سڪڻ لڳا آهن ڪڙيوگهنور راهوڪي ڌاڌڙڪو فارم تراٽي سميت آسپاس جي شاخن ڌاڌڙڪو شاخ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوباگو: فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي

راڻيپور ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پيروزحاجي واسي عورتن مردن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پوليس منشيات فروشن جي گهرن کي ڇڏي ڪمپلين وارن جا گهر ڊاهي ڇڏيا آهن

راڻيپور(ن ع) راڻيپور پوليس خلاف ڳوٺ پيروزحاجي جي رهواسين عورتن مردن جو پريس ڪلب راڻيپور آڏو احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف شديد نعري بازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي ضلع ڪائونسل ميمبر حاجي عباس راڄپر آصف راڄپر فوجي وحيد راڄپر اختيار راڄپر مسمات صحت خاتون مسمات سبحان خاتون مسمات ڪريمت خاتون ڪري رهيا هيا ان موقعي اڳواڻن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس ڪارروائي، فائرنگ ۾ 2 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس ڪاروائي دوران ڊوري جي رهواسي ٻن جوابدارن نياز احمد پٽ عارف
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5



جيڪب آباد: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

ڄامشورو ۾ ماحوليات جي عالمي ڏهاڙي تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تقريب، ڊاڪٽر علي مرتضي ڌاريجو کي خراج تحسين

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ٽيچرس ڪلب ۾ "اسان جي زمين، اسان جو مستقبل" جي عنوان سان تقريب ڪوٺائي وئي

ڊاڪٽر علي مرتضي ڌاريجو جي علمي، سائنسي ۽ ماحولياتي خدمتن تي ڀرپور ڀيٽا، اسٽيڪن سميت مختلف شخصيتن جي شرڪت

حاڪم چانڊيو جي وڻڪاري مهم کي ساراهه، ماحول بچاءُ لاءِ گڏيل عملي قدمن جو عزم

ڄامشورو (رپورٽ: عرفان برفت) 5 جون ماحوليات جي بچاءُ واري 53 هين عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ايرڊزون ڊوليپمينٽ سوسائٽي ۽ چانڊوڪي ادبي ست پاران سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس ڪلب ۾ هڪ
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ معصوم ٻڪنگر جو اوباش نوجوانن خلاف احتجاج، ايس ايس پي جو نوٽيس

جيڪب آباد سول لائين ٿاڻي چنا پاڙي جو رهواسي ٻڪنگر والد سان گڏ پريس ڪلب پهتو

اوباش نوجوانن تي جنسي تعلق ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪرڻ جا سنگين الزام

ايس ايس پي جو نوٽيس، ايس ايڇ او سول لائين کي فوري ڪارروائي جو حڪم

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي چنا پاڙي جي رهواسي معصوم ٻڪنگر عرفان علي پنهنجي والد سان گڏجي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي پاڙي جا رهواسي ڪجهه اوباش نوجوان مون کي جنسي تعلق رکڻ جو زور پري رهيا آهن ۽ منهنجي منع ڪرڻ تي هو مون کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن چيو ته منهنجي والد سميت آئون انهن کي ڪيترائي ڀيرا روڪيو پر هو مسلسل زبردستي ڪن ٿا ۽ ڌمڪيون ڏيندا رهن ٿا، هن چيو ته اسين انتهائي غريب آهيون ايس
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

عوامي تحريڪ سربراه رسول بخش پليجي جي اٺين ورسي جون تياريون مڪمل

هزارين ڪارڪنن جا قافلا اڄ جنگشاهي پهچي پنهنجي عظيم قائد کي ڀيٽا پيش ڪندا

رسول بخش پليجو جي ورسي تي آمريڪي سامراج، مهانگائي ۽ آئيني مسئلن خلاف وڏي جلسي عام جو اعلان


حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) عوامي تحريڪ جي سربراه ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن جي سگهاري آواز رسول بخش پليجي جي اٺين ورسي جون تياريون مڪمل آمريڪي سامراجي دهشتگردي، اڏاوهين آئيني ترميم عورتن جي قتلام ۽ مهانگائي خلاف ملڪگير جلسي عام ڪيو ويندو هزارين ماڻهن جي ويهڻ جو پنڊال تيار ڪيو ويو سموري سنڌ مان هزارين ڪارڪنن جا قافلا اڄ 7 جون تي جنگشاهي پهچي پنهنجي عظيم قائد ۽ سنڌي قوم جي رهبر کي ڀيٽا پيش ڪندا ڪشمور ڪنڌڪوٽ سميت مختلف علائقن کان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

رسول بخش پليجو جي اٺين ورسي اڄ سڄي سنڌ ۾ ملهائي پئي وڃي

رسول بخش پليجو جي ورسي تي قومي عوامي تحريڪ جو وفد جنگشاهي پهچندو

مظهر راهوجو جي اڳواڻي ۾ مزار تي گلن جي چادر چاڙهي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۽ پاڪستان جي عظيم مفڪر تاريخدان، اديب، دانشور ڏاهي سياستدان استاد رسول بخش پليجو جي اٺين ورسي (اڄ) سڄي سنڌ ملهائي ويندي جڏهن ته قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي وفد قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ منگر خان پليجو جنگشاهي پهچي رسول بخش پليجو جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي ويندي قومي عوامي تحريڪ جي ترجمان اشرف پليجي چيو ته
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5





هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.